# رياضي 3

ٽئين ڪلاس لاءِ




سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو، سنڌ

ڇپيندڙ

www.perfect24u.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو تيار ڪيل ۽ بيورو آف ڪيريڪيولم ۽ ايڪسٽيشن ونگ سنڌ، ڄامشورو ۽ تعليم کاتو حڪومت سنڌ طرفان سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ٿيل.

حوالو نمبر SO. (G - 1) E & L / Curriculum - 2014 تاريخ 12 - 3 - 2014

---

ڪتابن جي نصاب جي جائزي واري صوبائي رويو ڪميٽيءَ جو سڌاريل

**نگران اعلي:** پرويز احمد بلوچ
چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

**ليکڪ:**
- ارجن لعل، ايس - سڌريا
- پروفيسر اعجاز علي صبحپوٽو
- عطيه تبسم پٽو
- ريحانہ چنڙ
- اسماء پٽي

**نظر ثاني ڪميٽي:**
- محمد صغير شيخ
- سيد آفاق احمد
- آفتاب علي
- محمد يوسف جمالي
- محمد هارون لغاري
- شفيق احمد ميمڻ
- عطيه تبسم پٽو
- ماجده سومرو
- نظير احمد ميمڻ
- ارجن لعل، ايس - سڌريا

**ايڊيٽرز:**
- ارجن لعل ايس - سڌريا
- عطيه تبسم پٽو

**مترجم:**
- ارجن لعل، ايس - سڌريا

**معاون و صلاحڪار:**
- نذير احمد شيخ
- مير سرفراز خليل ساند

**لي آئوٽ ۽ ڪمپوزنگ:** بختيار احمد پٽو ڪوڪر محلہ حيدرآباد

---

**ڇپيندڙ:**

www.perfect24u.com

# فهرست


| يونٽ | عنوان | صفحو نمبر |
| --- | --- | --- |
| 1 | عدد | 1 |
| 2 | آلجبري عمل | 19 |
| 3 | اٽپور | 51 |
| 4 | پيمائش | 67 |
| 5 | وقت | 89 |
| 6 | جاميٽري | 101 |
| 7 | معلومات سهيڙڻ | 112 |
| 8 | اصطلاح | 116 |
| 9 | جواب | 119 |


www.perfect24u.com

# پہ اکر

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ هڪ اهڙو تعليمي ادارو آهي، جنهن جو ڪم درسي ڪتابن جي تياري ۽ اشاعت ڪرڻ آهي. ان جو اهم مقصد اهڙن درسي ڪتابن جي تياري ۽ فراهمي آهي، جيڪي نئين نسل کي علم ۽ شعور سان گڏوگڏ منجهن اهڙي صلاحيت پيدا ڪن جنهن جي ذريعي اهي اسلام جي آفاقي نظرين، پائيچاري، بزرگن جي ڪارنامن، پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ روايت جي حفاظت ڪندي نئين دور جي سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ سماجي تقاضائن کي پورو ڪري ڪامياب زندگي گذاري سگهن.

هن اعليٰ مقصد کي پورو ڪرڻ خاطر اهل علم، ماهرن، استاد صاحبن ۽ مخلص دوستن جي هڪ ٽيم ڪنڊ ڪڙڇ کان حاصل ٿيندڙ معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪتابن جي درستگيءَ جي معيار، جائزي ۽ انهن جي سُڌاري جي عمل ۾ اسان سان گڏ لڳاتار مصروف آهي.

اسان جا ماهر ۽ اشاعتي عملو اُن صورت ۾ ئي ڀرپور مقصدن ۾ ڪامياب ٿيندو، جڏهن انهن ڪتابن مان استاد صاحب، شاگرد ۽ شاگرديائيون پورو پورو لاڀ ماڻين. ان لاءِ سندن تجويزون ۽ رايا انهن ڪتابن کي بهتر بنائڻ ۾ ڪار آمد ٿيندا.

**چيئرمين**

**سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ**

www.perfect24u.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

يونٽ 1

# عدد

## 1.1 رومن انگ

### 20 تائين رومن انگ پڙهڻ ۽ لکڻ




اسان **1000** تائين عدد سکي چڪا آهيون جيڪي عربي عدد آهن. رومن انگ قديم روم ۾ استعمال ٿيا. اِهي انگ اجا تائين مختلف طريقن سان استعمال ۾ آهن.

> رومن انگ گهڙين جي ڊائلز تي، وڏن شهرن جي گهنٽا گهر ۾ گهڙيال تي ڏنا وڃن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن رومن انگ ڪتابن ۽ امتحاني پيپر ۾ استعمال ٿين ٿا.

**1** کان **20** تائين رومن انگن جو بنياد هيٺين علامتن تي آهي.

| مُلهه | علامت |
|---|---|
| 1 | I |
| 5 | V |
| 10 | X |

**1** کان **20** تائين رومن انگن جو پڙهڻ.

| هندي عربي عدد | رومن انگ: وڏا اکر | رومن انگ: ننڍا اکر | هندي عربي عدد | رومن انگ: وڏا اکر | رومن انگ: ننڍا اکر |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | I | i | 11 | XI | xi |
| 2 | II | ii | 12 | XII | xii |
| 3 | III | iii | 13 | XIII | xiii |
| 4 | IV | iv | 14 | XIV | xiv |
| 5 | V | v | 15 | XV | xv |
| 6 | VI | vi | 16 | XVI | xvi |
| 7 | VII | vii | 17 | XVII | xvii |
| 8 | VIII | viii | 18 | XVIII | xviii |
| 9 | IX | ix | 19 | XIX | xix |
| 10 | X | x | 20 | XX | xx |

ٻڙي يا زيرو کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪوبہ رومن انگ نہ آهي.

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گهرجي تہ هو شاگردن جا ٽولا ٺاهي اُنهن کي **1** کان **20** تائين ڏنل عددن جي برابر رومن انگ ٺاهڻ ۾ مشغول رکي.

www.perfect24u.com

## رومن عددن کي لکڻ جا اصول

اوهان ڏسي سگهو ٿا ته جيڪڏهن اسين 4 کي رومن ۾ لکي رهيا آهيون ته اسين 4 کي ظاهر ڪرڻ لاءِ IIII استعمال نه ڪنداسين.

**اصول 1:** رومن انگ I ۽ X وڌ ۾ وڌ ٽي دفعا لکي سگهجن ٿا.

مثال طور: 20 = XX , 3 = III

**اصول 2:**
ڪنهن به رومن انگ جي کابي پاسي ان کان ننڍي بنيادي رومن انگ لکڻ سان مليل رومن انگ جي ملهه ۾ اوتري گهٽتائي ايندي.

مثال طور: 9 = IX , 4 = IV

**اصول 3:**
ڪنهن به رومن انگ جي ساڄي پاسي ان کان ننڍي بنيادي رومن انگ لکڻ سان مليل رومن انگ جي ملهه ۾ اوتري واڌ ايندي

مثال طور: 7 = VII , 6 = VI

15 = XV , 8 = VIII

**عملي ڪم**

مڪمل ڪريو.

| | |
|---|---|
| 3 = | III |
| 4 = | |
| 6 = | |
| 8 = | |
| 12 = | |

| | |
|---|---|
| 8 = 5 + 1 + 1 + 1 = | VIII |
| 13 = | |
| 14 = | |
| 16 = | |
| 19 = | |

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد رومن انگ لکڻ جا اصول وڌيڪ مثالن جي مدد سان سمجهائيندو.

www.perfect24u.com

## مشق 1

**.1** هيٺ ڏنل عددن کي رومن انگن ۾ لکو.

5 ________ , 7 ________ , 11 ________ , 9 ________

8 ________ , 16 ________ , 17 ________ , 20 ________

**.2** هيٺ ڏنل رومن انگن کي هندي، عربي عددن ۾ لکو.

III ________ , IV ________ , VI ________ , X ________

II ________ , XV ________ , XII ________ , XIX ________

**.3** هيٺ ڏنل خالي خانن ۾ گهربل عدد لکو.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| I | | III | | | VI | | | | X |
| | | XIII | | | | XVII | | | |

**.4** گهربل رومن عدد ڏنل گهڙيالن ۾ لکو.

(الف)



(ب)



(ج)



(د)



**.5** ساڳين عددن کي ليڪ ذريعي ملايو.

| | |
|---|---|
| 11 | III |
| 8 | X |
| 3 | XI |
| 10 | IV |
| 4 | VIII |

| | |
|---|---|
| 9 | V |
| 2 | XII |
| 5 | IX |
| 12 | VII |
| 7 | II |

**.6** 1 کان 20 تائين رومن انگ لکو.

www.perfect24u.com

## 1.2 اڪي ۽ ٻڌي عدد

شروعات:

استاد 10 رضاڪار شاگردن کي ڪلاس جي اڳيان اچڻ لاءِ چوندو.

- ❖ هر هڪ شاگرد پنهنجي لاءِ هڪ ساٿي چوندي (جيئن ته 10 شاگرد آهن ته هر ڪنهن وٽ هڪ هڪ ساٿي هوندو) 10 کي ٻڌي جي هيٺان بورڊ تي لکو.
- ❖ شاگردن کي سمجهايو ته هر هڪ وٽ ساٿي آهي چو ته 10 ٻڌي انگ آهي.
- ❖ ٻن شاگردن کي ويهڻ لاءِ ويهڻ لاءِ چئو ۽ 8 بيٺا هجن هر هڪ وٽ ساٿي هجڻ گهرجي. 8 کي ٻڌي جي هيٺان بورڊ تي لکو. اهو طريقيڪار 6، 4 ۽ 2 تائين ورجايو.
- ❖ شاگردن کان پڇو ته ڇا ٿئي ها جيڪڏهن 9 شاگرد هجن ها. ڇا هر هڪ وٽ ساٿي هوندو؟ 1، 3، 5 ۽ 7 لاءِ ورجايو.

### 99 تائين اڪي ۽ ٻڌي عددن جي سڃاڻپ

| اڪي عدد | ٻڌي عدد |
|---|---|
| اڪي عدد اهي عدد آهن جيڪي 2 سان پورو پورو ونڊجي نہ سگهن. | ٻڌي عدد أهي عددآهن جيڪي 2 سان پورو پورو ونڊجي سگهن. |
| اڪي عدد شين جا جوڙا 0 پاڇي سان نٿا ناهي سگهن. | ٻڌي عدد شين جا جوڙا 0 پاڇي سان ناهي سگهن ٿا. |

www.perfect24u.com

# عدد

| عدد | شيون | اڪي/ ٻڌي |
|---|---|---|
| 1 |  | اڪي |
| 2 |  | ٻڌي |
| 3 |  | اڪي |
| 4 |  | ٻڌي |
| 5 |  | اڪي |
| 6 |  | ٻڌي |
| 7 |  | اڪي |
| 8 |  | ٻڌي |
| 9 |  | اڪي |
| 10 |  | ٻڌي |

## استاد لاءِ هدايت

استاد کي گھرجي تہ هو **2** سان وند استعمال ڪندي ۽ ڪلاس ۾ شاگردن ۾ ٻين شين جا جوڙا ناهي ڪري، شاگردن کي اڪي ۽ ٻڌي عدد سڃاڻڻ ۾ مدد ڪري.

www.perfect24u.com

2، 4، 6، 8، 10، 12، 14 . . . ٻڌي عدد آهن.

ٻڌي عددن ۾ ايڪن جي جاءِ تي 0، 2، 4، 6 يا 8 هوندا آهن.

1، 3، 5، 7، 9، 11، 13، 15. . . اڪي عدد آهن.

اڪي عددن ۾ ايڪن جي جاءِ تي 1 ، 3، 5، 7 يا 9 هوندا آهن.

آئون اڪي آهيان؛
جيڪڏهن ايڪي جي
جاءِ تي آهي:



آئون ٻڌي آهيان؛
جيڪڏهن ايڪي جي
جاءِ تي آهي:



## اڪي يا ٻڌي عددن جو مليل ترتيب ۾ لکڻ

هيٺ ڏنل چارٽ کي ڏسو!

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 0 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 |
| 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 |
| 30 | 31 | 32 | 33 | 34 | 35 | 36 | 37 | 38 | 39 |
| 40 | 41 | 42 | 43 | 44 | 45 | 46 | 47 | 48 | 49 |
| 50 | 51 | 52 | 53 | 54 | 55 | 56 | 57 | 58 | 59 |
| 60 | 61 | 62 | 63 | 64 | 65 | 66 | 67 | 68 | 69 |
| 70 | 71 | 72 | 73 | 74 | 75 | 76 | 77 | 78 | 79 |
| 80 | 81 | 82 | 83 | 84 | 85 | 86 | 87 | 88 | 89 |
| 90 | 91 | 92 | 93 | 94 | 95 | 96 | 97 | 98 | 99 |

ڳاڙهي پٽين ۾ لکيل عدد اڪي آهن.

1, 3, 5, 7, 9, 11, . . . , 99.

ساين پٽين ۾ لکيل عدد ٻڌي آهن.

0, 2, 4, 6, 8, 10, 12, . . . , 98.

www.perfect24u.com

**مثال1:** 3 ۽ 11 جي وچ وارا ٻڌي عدد لکو.

3, [4], 5, [6], 7, [8], 9, [10], 11

اهڙيءَ طرح 4، 6، 8 ۽ 10 ٻڌي عدد آهن.

**مثال2:** 20 ۽ 30 جي وچ وارا اڪي عدد لکو.

20, [21], 22, [23], 24, [25], 26, [27], 28, [29], 30

اهڙيءَ طرح 21، 23، 25، 27 ۽ 29 اڪي عدد آهن.

**ياد رکو ته**

- ٻڌي عدد + 1 = اڪي عدد
- اڪي عدد + 1 = ٻڌي عدد

- ٻڌي + ٻڌي = ٻڌي
- اڪي + اڪي = ٻڌي
- ٻڌي + اڪي = اڪي

## مشق 2

1. هيٺ ڏنل اڪي عددن تي گول (◯) پايو.

45 , 27 , 42 , 78 , 67 , 98 , 15 , 83 , 80

2. هيٺ ڏنل ٻڌي عددن تي گول (◯) پايو.

95 , 11 , 70 , 69 , 64 , 32 , 71 , 38 , 30

3. 1 ۽ 20 جي وچ وارا ٻڌي عدد لکو.
4. 1 کان 21 تائين اڪي عدد لکو.
5. 30 کان پوءِ وارا پهريان پنج ٻڌي عدد لکو.
6. 50 کان پوءِ وارا پهريان چار اڪي عدد لکو.
7. 50 کان 80 تائين ٻڌي عدد لکو.
8. 70 کان 90 تائين اڪي انگ لکو.
9. صحيح لاءِ (ص) ۽ غلط لاءِ (غ) لکو.

(i) 23هڪ ٻڌي عدد آهي. [ ]    (ii) 52 هڪ اڪي عدد آهي. [ ]

(iii) 15 هڪ اڪي عدد آهي. [ ]    (iv) 30 هڪ ٻڌي عدد آهي. [ ]

www.perfect24u.com

## 1.3 مڪاني ملهه

### ڇهه انگي عددن تائين مڪاني ملهه سڃاڻڻ

چار انگي عدد آهن. 1000، 1001، 1002، . . .، 9999

مثال 1: 3452 هڪ چار انگي عدد آهي.

عدد 3452 جي هر هڪ انگ جو مڪاني ملهه هيٺين ريت آهي.

2 ايڪا + 5 ڏهاڪا + 4 سو + 3 هزار = 3452

= 3000 + 400 + 50 + 2

= 3452




| هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|
| 3 | 4 | 5 | 2 |

10000، 10001، 10002، . . .، 99999 پنج انگي عدد آهن.

مثال 2: پنج انگي عدد 51650 جي هر هڪ انگ جو مڪاني ملهه هيٺين ريت آهي.

0 ايڪا + 5 ڏهاڪا + 6 سو + 1 هزار + 5 ڏهه هزار

51610 = 50000 + 1000 + 600 + 50 + 0

| ڏهه هزار | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|
| 5 | 1 | 6 | 5 | 0 |

ننڍي ۾ ننڍو 6 انگي عدد 100,000 آهي.

مثال 3: 100000 جي هر هڪ انگ جو مڪاني ملهه هيٺين ريت آهي.

0 ايڪا + 0 ڏهاڪا + 0 سو + 0 هزار + 0 ڏهه هزار + 1 سو هزار = 100000

= 100000 + 00000 + 0000 + 000 + 00 + 0

= 100000

| سو هزار | ڏهه هزار | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 0 | 0 | 0 | 0 | 0 |

**استاد لاءِ هدايت**

استاد کي گهرجي تہ هو هٿرادو بال فريم کي استعمال ڪندي، شاگردن کي مڪاني ملهه جي تصور جو ڏؤر ڪرائي.

www.perfect24u.com

**عملي ڪم** هيٺ ڏنل عددن ۾ رنگدار انگ جو مڪاني ملهه لکو.

(i)

| ايڪا | ڏهاڪا | سو | هزار |
|---|---|---|---|
| 5 | 4 | 2 | 9 |

5 ايڪا

(ii)

| ايڪا | ڏهاڪا | سو | هزار | ڏهه هزار |
|---|---|---|---|---|
| 2 | 6 | 0 | 8 | 4 |

______

(iii)

| ايڪا | ڏهاڪا | سو | هزار | ڏهه هزار | سو هزار |
|---|---|---|---|---|---|
| 4 | 7 | 6 | 9 | 4 | 3 |

______

## مشق 3

**1.** خالي خانا ڀريو.

(i) 5806 = ☐ ايڪا + ☐ ڏهاڪا + ☐ سو + ☐ هزار

(ii) 51001 = ☐ ڏهاڪا + ☐ سو + ☐ هزار + ☐ ڏهه هزار + ☐ ايڪا

(iii) 12902 = ☐ ڏهاڪا + ☐ سو + ☐ هزار + ☐ ڏهه هزار + ☐ ايڪا

(iv) 442609 = ☐ سو + ☐ هزار + ☐ ڏهه هزار + ☐ سو هزار + ☐ ايڪا + ☐ ڏهاڪا

**2.** هيٺ ڏنل هر هڪ عدد ۾ رنگدار انگ جو مڪاني ملهه لکو.

(i) 24[3]6 (ii) 5[4]123 (iii) 61237[8]

(iv) [4]129 (v) 33[5]566 (vi) 7[2]081

(vii) [9]4123 (viii) 567[8]12 (ix) 81[0]703

www.perfect24u.com

**3.** هيٺيان مڪمل ڪريو.

| نمبر | عدد | ايڪا | ڏهاڪا | سو | هزار | ڏه هزار | سوهزار |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| (i) | ڇهه هزار چار سو ٻه | 2 | | 4 | 6 | | |
| (ii) | پنجويهه هزار ڇهه سو ايڪٽيهه | 1 | 3 | | | 2 | |
| (iii) | ٻيانوي هزار ٻه | 2 | | 0 | | 9 | |

انگن ۽ لفظن ۾ 100،000 (سو هزار) تائين ڏنل عددن جو لکڻ ۽ پڙهڻ

اسين اڳيئي هڪ انگي، ٻه انگي ۽ ٽي انگي عدد سکي چڪا آهيون.

## چار انگي عدد

مثال: **4235** کي لفظن ۾ لکو.

حل:

| ايڪا | ڏهاڪا | سو | هزار |
|---|---|---|---|
| 5 | 3 | 2 | 4 |



چار هزار ٻه سو پنجٽيهه

## پنج انگي عدد



**9999** کان پوءِ جو عدد آهي 10000
انهيءَ کي پڙهبو "ڏهه هزار"
يعني $9999 + 1 = 10000$

ننڍي ۾ ننڍو پنج انگي عدد **10000** آهي.

www.perfect24u.com




**10000 لاءِ مڪاني ملھ وارو چارٽ**

| ڏهھزار | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|
| 1 | 0 | 0 | 0 | 0 |

مثال: **30674** کي لفظن ۾ لکو.




حل:

| ڏهھزار | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|
| 3 | 0 | 6 | 7 | 4 |

ٽيھ هزار ڇھ سو چوهتر

## ڇھ انگي عدد



**99999** کان پوءِ جو عدد آهي 100000
ا نهيءَ کي پڙهبو ”سو هزار“
يعني 99999 + 1 = 100,000

نڍي ۾ ننڍو ڇھ انگي عدد **100000** آهي.

**100,000 لاءِ مڪاني ملھ وارو چارٽ**

| سوهزار | ڏهھزار | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 0 | 0 | 0 | 0 | 0 |




**استاد لاءِ هدايت**

أستاد مڪاني ملھ واري چارٽ جي مدد سان ڪجھ
وڌيڪ مثال ڏئي ڪري سمجهائي.

www.perfect24u.com

مثال: 671124 کي لفظن ۾ لکو

حل:




| سو هزار | ڏهه هزار | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|---|
| 6 | 7 | 1 | 1 | 2 | 4 |

ڇهه سو ايڪهتر هزار هڪ سو چوويهه

سامهون ڏنل نموني کي ڏسو

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 9 | + | 1 | = | 10 |
| 99 | + | 1 | = | 100 |
| 999 | + | 1 | = | 1000 |
| 9999 | + | 1 | = | 10000 |
| 99999 | + | 1 | = | 100000 |

ننڍي ۾ ننڍو ڇهه انگي عدد **100000** آهي.

**عملي ڪم 3** هيٺيان خال ڀريو.

(1) وڏي ۾ وڏو چار انگي عدد <u>9999</u> آهي.

(2) ننڍي ۾ ننڍو پنج انگي عدد ______ آهي.

(3) وڏي ۾ وڏو پنج انگي عدد ______ آهي.

(4) وڏي ۾ وڏو ڇهه انگي عدد ______ آهي.

## مشق 4

1. هيٺ ڏنل هر هڪ عدد پڙهو ۽ لفظن ۾ لکو.

(i) 4156 (ii) 35678 (iii) 981254 (iv) 5060

(v) 7120 (vi) 356782 (vii) 41524 (viii) 123456

www.perfect24u.com

**2.** هيٺ ڏنل عدد انگن ۾ لکو.

(i) اٺ هزار چار سو ايڪهٺ ______

(ii) پاهتر هزار ڇهه سو پنجانوي ______

(iii) پنجونجاهه هزار هڪ ______

**3.** خال ڀريو.

(i) **951** کان اڳ ۾ ايندڙ عدد آهي. ______

(ii) **25645** کان پوءِ وارو عدد آهي. ______

(iii) **5420** ۽ **5422** جي وچ ۾ ايندڙ عدد آهي. ______

**4.** هينين نمونن کي جاري رکو.

(i) 2124 , 3124 , 4124 , ______ , ______ , ______

(ii) 51427 , 51437 , 51447 , ______ , ______ , ______

(iii) 123456, 223456, 323456 , ______ , ______ , ______

## 1.5 عددن جي ڀيٽ ۽ ترتيب

<، > ۽ = جون نشانيون استعمال ڪندي ٻن عددن جي ڀيٽ ڪريو

هيٺ ڏنل شين جي تعداد جي ڀيٽ ڪريو.





پيلي خاني ۾ ڪيتريون ميڻ بتيون آهن؟ ☐

نيري خاني ۾ ڪيتريون ميڻ بتيون آهن؟ ☐

**9** ميڻ بتيون **4** ميڻ بتين کان وڌيڪ آهن. اسين چونداسين تہ، **4** کان وڏو **9** آهي.

نشانين ۾ اسين لکنداسين تہ **9 > 4** نشاني ">" جو مطلب آهي "کان وڏو آهي"

ساڳي طرح سان **4** ميڻ بتيون **9** ميڻ بتين کان گهٽ آهن. اسين چونداسين تہ

**4** ننڍو آهي **9** کان. نشانين ۾ اسين لکنداسين تہ **4 < 9**

نشاني "<" جو مطلب آهي "کان ننڍو آهي"

www.perfect24u.com

**عملي ڪم**

< يا > جون نشانيون استعمال ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| (i) 5 > 3 | (ii) 20 ☐ 16 | (iii) 36 ☐ 47 |
| (iv) 60 ☐ 80 | (v) 325 ☐ 300 | (vi) 960 ☐ 980 |

هيٺ ڏنل شين جي تعداد جي ڀيٽ



هتي ڪيترا بال آهن؟ ☐



هتي ڪيترا بال آهن؟ ☐

ٻنهي خانن ۾ بالن جو برابر تعداد آهي. اسين چونداسين تہ 6 برابر آهي 6 جي.

نشانين ۾ اسين لکنداسين 6 = 6 .

هاڻي هيٺ ڏنل مثالن تي ڌيان ڏيو.

مثال 1: 245 ۽ 6472 جي ڀيٽ ڪريو.

حل:
245 ۾ 3 انگ آهن
6472 ۾ 4 انگ آهن
تنهنڪري 245 < 6742

**عملي ڪم** 98 ۽ 123 جي ڀيٽ ڪريو.

حل:
98 ۾ ☐ انگ آهن
123 ۾ ☐ انگ آهن
تنهنڪري 123 ☐ 98

مثال 2: 5423 ۽ 967 جي ڀيٽ ڪريو.

حل:
5423 ۾ 4 انگ آهن
967 ۾ 3 انگ آهن
تنهنڪري 5423 > 967

**عملي ڪم** 504 ۽ 99 جي ڀيٽ ڪريو.

حل:
504 کي ☐ انگ آهن
99 کي ☐ انگ آهن
تنهنڪري 99 ☐ 504

www.perfect24u.com

مثال 3: 2456 ۽ 3467 جي ڀيٽ ڪريو.

حل: ٻئي 4 انگي عدد آهن

انهي ڪري، اسين وڏي مڪاني ملهه وارن مختلف انگن جي ڀيٽ ڪنداسين جيڪي 2 ۽ 3 آهن.

هتي $2 < 3$

تنهنڪري $2456 < 3467$

**عملي ڪم** 67835 ۽ 67541 جي ڀيٽ ڪريو.

حل: ٻئي ☐ انگي عدد آهن.

اسين وڏي مڪاني ملهه وارن مختلف انگن جي ڀيٽ ڪنداسين،

جيڪي ☐ ۽ ☐ آهن.

هتي 8 ☐ 5

تنهنڪري 67835 ☐ 67541

## مشق 5

(1) $<$، $>$ ۽ $=$ جون نشانيون استعمال ڪندي خال ڀريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| (i) | 245 ☐ 3167 | | (ii) | 54231 ☐ 964 | |
| (iii) | 3105 ☐ 3105 | | (iv) | 5421 ☐ 5418 | |
| (v) | 672315 ☐ 871237 | | (vi) | 120001 ☐ 105552 | |

(2) $<$، $>$ ۽ $=$ جون نشانيون استعمال ڪندي عددن جي ڀيٽ ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| (i) | 542 | ۽ 6712 | (ii) | 94562 | ۽ 4392 |
| (iii) | 6324 | ۽ 6324 | (iv) | 6421 | ۽ 6578 |
| (v) | 94561 | ۽ 94271 | (vi) | 345671 | ۽ 345921 |

www.perfect24u.com

ڏنل عددن جي سيٽ کي ننڍ وڏائي ترتيب ۽ وڏ ننڍائي ترتيب ۾ لکڻ

شروعات: استاد هيٺ ڏنل عددن کي بي ترتيب ۾ لکي.

35, 12, 30

ان کان پوءِ استاد ڪنهن هڪ شاگرد کي انهن عددن مان ننڍي کان وڏي تائين بورڊ تي لکڻ لاءِ چئي،

12, 30, 35

اهو وضاحت ڪري ته هي ننڍ وڏائي ترتيب آهي هاڻ استاد ڪنهن ٻئي شاگرد کي انهن عددن مان وڏي کان ننڍي تائين بورڊ تي لکڻ لاءِ چئي

35, 30, 12

اهو وضاحت ڪري ته هي وڏ ننڍائي ترتيب آهي

## مشق 6

1. هيٺ ڏنل عددن کي ڏنل خانن ۾ ننڍ وڏائي ترتيب ۾ لکو.

(i) 476, 52341, 7881, 5034 ______, ______, ______, ______,

(ii) 2346, 4632, 2354, 1778 ______, ______, ______, ______,

(iii) 43513, 3451, 53314, 41353 ______, ______, ______, ______,

2. هيٺ ڏنل عددن کي ڏنل خانن ۾ وڏ ننڍائي ترتيب ۾ لکو.

(i) 6432, 3213, 4343, 7120 ______, ______, ______, ______,

(ii) 49231, 12349, 94321, 31249 ______, ______, ______, ______,

(iii) 120451, 12345, 57401, 10000 ______, ______, ______, ______,

www.perfect24u.com

## 1.6 عددي ليڪ

**شروع ڪندڙ:**

بورڊ تي استاد هڪ ليڪ ڏاهيندو ۽ ان تي ننڍوڏائي ترتيب ۾ ساڳئي مفاصلي تي عدد لکو. ان ڳالھ جو خيال رکيو وڃي تہ عددن جي وچ وارو وقفو ساڳئي مفاصلي جو هجي.
مثال طور: 0 کان 10 تائين لکو. ڪجھ عدد مٽايو ۽ شاگردن کي اهي مِٽايل عددن کي پرڻ لاءِ چئو ڪجھ مختلف عددن لاءِ هڪ ٻي عددي ليڪ ڏاهيو.

عددي ليڪ تي ڏنل عدد جي ملھ کي سڃاڻڻ ۽ ڏيکارڻ

**هڪ عدد کي ليڪ تي برابر فاصلو ڪٽي ڏيکاري سگھون ٿا.**

جنھن ليڪ تي عددن کي ظاهر ڪبو آهي انهيءَ ليڪ کي **عددي ليڪ** چئبو آهي.

**هڪ عددي ليڪ**




**مثال 1:** 4 کي عددي ليڪ تي ڏيکاريو.

**ڏاڪو 1:** هڪ ليڪ اسڪيل سان ڪڍو.

**ڏاڪو 2:** برابر فاصلي تي ٽبڪا لڳايو.



**ڏاڪو 3:** کاٻي کان ساڄي پاسي تائين ٽبڪا ڪڍو.

**ڏاڪو 4:** شروعاتي ٽبڪي کان ننڍ وڏائي ترتيب ۾ عددن کي ڏيکاريو.




**ڏاڪو 5:** ڏنل عدد 4 کي سڃاڻو.




**استاد لاءِ هدايت**

استاد کي گھرجي تہ عددي ليڪ تي عددن جي، ملھ کي سڃاڻڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪري.

www.perfect24u.com

**عملي ڪم** عددي ليڪ تي ڪهڙي عدد تي نشان (✓) لڳايو ويو آهي.




**عملي ڪم** عددي ليڪ تي ڪهڙي عدد تي(✗) نشان لڳايو ويو آهي.




## مشق 7

.1 6 ڪي عددي ليڪ تي ڏيکاريو.




.2 ڏنل 7،6 9، 10 ۽ 12 عددي ليڪ تي ڏيکاريو.




.3 ڏنل عددي ليڪ تي عدد کان اڳ ۽ پوءِ وارا خال ڀريو.




.4 ڏنل عددي ليڪ تي 14، 16 ۽ 18 عددن تي گول پايو.




www.perfect24u.com

# آلجبري عمل

## 2.1 جوڙ

اسين گذريل ڪلاس ۾ ٽن انگن تائين عددن جو جوڙ اڳيئي سکي چڪا آهيون.

### مشق 8

حل ڪريو.

1. $43 + 24 = $ ☐

2. $431 + 24 = $ ☐

3. $65 + 24 = $ ☐

4. $114 + 85 = $ ☐

5. $582 + 137 = $ ☐

6. $905 + 182 = $ ☐

7. $631 + 289 = $ ☐

8. $599 + 324 = $ ☐

9. $488 + 325 = $ ☐

10. $27 + 22 = $ ☐

11. $84 + 101 = $ ☐

12. $850 + 88 = $ ☐

13. $104 + 645 = $ ☐

14. $542 + 227 = $ ☐

15. $300 + 200 = $ ☐

www.perfect24u.com

**4 ـ انگي عددن جي اُفقي ۽ عمودي جوڙ (انگ ٽپائڻ ۽ بنا انگ ٽپائڻ سان)**

اسين پهريان 4 ـ انگي عددن جو بنا انگ ٽپائڻ جوڙ ڪنداسين.

مثال 1: 5462 ۽ 1234 جوڙ ڪريو.

حل:




| هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|
| 5 | 4 | 6 | 2 |
| + 1 | 2 | 3 | 4 |
| 6 | 6 | 9 | 6 |

ڏاڪو 1: ايڪا جوڙ ڪريو.
2 ايڪا + 4 ايڪا = 6 ايڪا

ڏاڪو 2: ڏهاڪا جوڙ ڪريو.
6 ڏهاڪا + 3 ڏهاڪا = 9 ڏهاڪا

ڏاڪو 3: سو جوڙ ڪريو.
4 سو + 2 سو = 6 سو

ڏاڪو 4: هاڻي هزار جوڙ ڪريو.
5 هزار + 1 هزار = 6 هزار

**اُفقي طريقو:**

يا 5462 + 1234 = ☐

يا

| | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|
| | 5 | 4 | 6 | 2 |
| + | 1 | 2 | 3 | 4 |
| = | 6 | 6 | 9 | 6 |

ڏاڪو 1: ايڪا جوڙ ڪريو 2 + 4 = 6
ڏاڪو 2: ڏهاڪا جوڙ ڪريو 6 + 3 = 9
ڏاڪو 3: سو جوڙ ڪريو 4 + 2 = 6
ڏاڪو 4: هاڻي هزار جوڙ ڪريو. 5 + 1 = 6

نوٽ: ايئن ڪان شروعات ڪريو پهريان ايڪا، پوءِ ڏهاڪا، پوءِ سو ۽ آخر ۾ هزار جوڙ ڪريو.

www.perfect24u.com

## مشق 9

(الف) حل ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| (1) 2564 + 1321 = ____ | (2) 3572 + 1223 = ____ | (3) 7425 + 2353 = ____ |
| (4) 4653 + 4233 = ____ | (5) 7245 + 2433 = ____ | (6) 2847 + 3152 = ____ |
| (7) 3604 + 4242 + 0123 = ____ | (8) 7464 + 1012 + 1421 = ____ | (9) 5093 + 2704 + 1102 = ____ |

(ب) هيٺيان حل ڪريو.

(1) 2215 + 1322 = ☐

(2) 4325 + 3210 = ☐

(3) 4625 + 1234 = ☐

(4) 3624 + 4172 = ☐

(5) 7383 + 2514 = ☐

(6) 4502 + 1224 + 4113 = ☐

(7) 1102 + 1323 + 1340 = ☐

www.perfect24u.com

هاڻي اسين 4 - انگن تائين عددن جو جوڙ انگ ٽپائڻ سان ڪنداسين.

**مثال 1:** 2658 ۽ 2347 کي جوڙ ڪريو.

**حل:**

ايڪا ڏهاڪا سو هزار



| | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|
| | ① | ① | ① | |
| | 2 | 6 | 5 | 8 |
| + | 2 | 3 | 4 | 7 |
| | 5 | 0 | 0 | 5 |

**ڏاڪو 1:** ايڪا جوڙ ڪريو.

8 + 7 = 15 ايڪا (5 ايڪا ۽ 1 ڏهاڪو)

5 ايڪن جي هيٺيان لکو ۽ 1 ڏهاڪو، ڏهاڪي واري ڪالم ڏانهن ٽپايو.

**ڏاڪو 2:** ڏهاڪا جوڙ ڪريو.

1 + 5 + 4 = 10 ڏهاڪا

0 کي ڏهاڪن جي هيٺان لکو

۽ 1 کي سؤ واري ڪالم ڏانهن ٽپايو.

**ڏاڪو 3:** سؤ جوڙ ڪريو.

1 + 6 + 3 = 10 سو

0 کي سو واري ڪالم جي هيٺيان لکو

۽ 1 کي هزار واري ڪالم ڏانهن ٽپايو.

**ڏاڪو 4:** هزار جوڙ ڪريو.

1 + 2 + 2 = 5 هزار

5 کي هزار واري ڪالم جي هيٺيان لکو.

يا 2658 + 2347 = **5005**

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گهرجي تہ هو 4 ـ انگن تائين عددن جو جوڙ (انگ ٽپائڻ) شاگردن کي سيکاري.

www.perfect24u.com

مثال3: هينيان جوڙ ڪريو.

**3458, 1322, 2687**

ڏاڪو1: ايڪا جوڙ ڪريو

8 + 2 + 7 = 17

ڏاڪو2: ڏهاڪا جوڙ ڪريو

1 + 5 + 2 + 8 = 16

ڏاڪو3: سؤ جوڙ ڪريو

1 + 4 + 3 + 6 = 14

ڏاڪو4: هزار جوڙ ڪريو

1 + 3 + 1 + 2 = 7

| هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|
| (1) 3 | (1) 4 | (1) 5 | 8 |
| 1 | 3 | 2 | 2 |
| + 2 | 6 | 8 | 7 |
| 7 | 4 | 6 | 7 |

يا 3458 + 1322 + 2687 = 7467

## مشق 11

(الف) حل ڪريو.

(1)
```
  4 6 2 6
+ 3 3 9 4
---------
```

(2)
```
  3 0 9 7
+ 4 9 7 4
---------
```

(3)
```
  7 3 8 5
+ 2 7 9 8
---------
```

(4)
```
  3 4 8 7
    9 3 2
+ 1 4 7 2
---------
```

(5)
```
  5 7 0 5
  2 8 9 9
+   1 0 2
---------
```

(6)
```
  3 7 8 9
  2 6 6 8
+   2 0 2
---------
```

(ب) هينيان جوڙ ڪريو.

(1) 4866 ۽ 2154 (2) 3239 ۽ 2453

(3) 8370، 3745 ۽ 235 (4) 2555، 3876 ۽ 1000

(ج) هينيان حل ڪريو.

(1) 3994 + 1089 = ☐ (2) 3456 + 1268 = ☐

(3) 2658 + 3846 = ☐ (4) 3477 + 2955 = ☐

www.perfect24u.com

## حسابي فن استعمال ڪندي 100 تائين عددن جو زباني جوڙ ڪرڻ

هميشہ ياد رکو تہ ايڪا ايڪن ۾ ۽ ڏهاڪا ڏهاڪن ۾ جوڙ ٿيندا آهن.

مثال1: زباني جوڙ ڪريو.

| | |
|---|---|
| 20 + 25 | 10 + 30 |
| = 10 + 10 + 10 + 10 + 5 | = 10 + 10 + 10 + 10 |
| **= 45** | **= 40** |

مثال2:







ڇا توهان ڪو رستو ڏيکاري سگهو ٿا، جنهن سان ساره پنهنجو حساب آسان ڪري سگهي؟

عليءَ وٽ هڪ تجويز آهي.




12 + 6

12 + 2 + 2 + 2

12 + 2 = 14 جوڙ لکو

14 + 2 = 16

16 + 2 = 18 تنهنڪري

ساره وٽ هڪ بي تجويز آهي




12 + 6

12 + 3 + 3 يا

12 + 3 = 15

15 + 3 = 18 تنهنڪري

**استاد لاءِ هدايت**

استاد کي گهرجي تہ پنهنجي تجربي جي بنياد تي زباني جوڙ جو ڪو بيو بہ سولو طريقو شاگردن کي سمجهائي.

www.perfect24u.com

## مشق 11

(الف) هڪ کان وڌيڪ حسابي فن استعمال ڪندي هيٺ ڏنل عددن جو جوڙ ڪريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | 14 + 5 | (2) | 15 + 6 |
| (3) | 16 + 8 | (4) | 21 + 11 |
| (5) | 22 + 6 | (6) | 11 + 32 |

(ب) زباني حل ڪريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | 25 + 20 = ☐ | (2) | 22 + 21 = ☐ |
| (3) | 46 + 14 = ☐ | (4) | 32 + 4 = ☐ |
| (5) | 42 + 28 = ☐ | (6) | 54 + 26 = ☐ |

(ج) زباني جوڙ ڪري پنهنجو جواب ملايو.




| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | 10 + 20 = 30 | (2) | 45 + 23 = ☐ |
| (3) | 23 + 12 = ☐ | (4) | 22 + 22 = ☐ |
| (5) | 10 + 50 + 30 = ☐ | (6) | 18 + 38 + 36 = ☐ |
| (7) | 8 + 46 + 32 = ☐ | (8) | 20 + 13 + 36 = ☐ |

## روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ جوڙ جا حساب حل ڪرڻ



**مثال 1:**
اسلم هڪ مهيني ۾ **3245** رياضيءَ جون ڪاپيون ۽ **2568** سنڌيءَ جون ڪاپيون وڪٽيون. ٻڌايو ته اُنهيءَ هڪ مهيني ۾ هُن ڪاپين جو ڪُل ڪيترو تعداد وڪيو؟

**حل:**

| | | |
|---|---|---|
| رياضيءَ جي وڪيل ڪاپين جي تعداد | = | 3 2 4 5 |
| سنڌيءَ جي وڪيل ڪاپين جي تعداد | = | + 2 5 6 8 |
| ڪل وڪيل ڪاپين جي تعداد | = | **5 8 1 3** |

## مشق 12

(1) ريحانه ڪتاب خريد ڪيا. هڪ ڪتاب ۾ **328** صفحا ۽ ٻئي ۾ **1034** صفحا آهن. ٻنهي ڪتابن ۾ ڪُل صفحن جي تعداد ڪيتري آهي؟

(2) عاشر صبح جو **800** ميٽر ۽ شام جو **1400** ميٽر پنڌ ڪيو. هن ڪل ڪيترو پنڌ ڪيو؟

(3) هڪ ڳوٺ ۾ **3321** مرد، **2843** عورتون ۽ **1822** ٻار آهن. ڳوٺ جي ڪُل آبادي ڪيتري آهي؟

(4) هڪ جانورن جي باغ ۾، آچر تي **3451**، سومر تي **2342** سياح گهمڻ آيا، ٻڌايو ته ٻن ڏينهن ۾ ڪُل ڪيترا سياح گهمڻ آيا؟

(5) اظهر هڪ ڪهاڻي جو ڪتاب پڙهيو. هن ڇنڇر تي **236** صفحا ۽ آچر تي **142** صفحا پڙهيا. انهن ٻن ڏينهن ۾ هُن ڪيترا صفحا پڙهيا؟

(6) هڪڙي پرائمري اسڪول ۾ **436** ڇوڪريون ۽ **341** ڇوڪرا آهن. ٻڌايو اسڪول ۾ ڪُل ڪيترا شاگرد آهن؟

(7) هڪ شهر ۾ جمعي تي **4798** ۽ ڇنڇر تي **3202** شربت جون بوتلون وڪيون. ٻنهي ڏينهن ۾ ڪل ڪيتريون بوتلون وڪيون.

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گهرجي ته هو شاگردن کي وڌيڪ روزمره زندگي جا مثال ڏي ۽ شاگردن کي اهڙا حساب ڳاڻهڻ جي مشق ڪرائي.

www.perfect24u.com

## 2.2 ڪٽ جو عمل

اسين گذريل ڪلاس ۾ ٽه- انگي عددن جي ڪٽ سکي چڪا آهيون. اچو ته پهريان ان جو دؤر ڪريون.

### مشق 13

حل ڪريو:

(1)
$$\begin{array}{r} 88 \\ -\ 47 \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 76 \\ -\ 54 \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 639 \\ -\ 38 \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 473 \\ -\ 151 \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 378 \\ -\ 56 \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{r} 297 \\ -\ 74 \\ \hline \end{array}$$

(7)
$$\begin{array}{r} 356 \\ -\ 178 \\ \hline \end{array}$$

(8)
$$\begin{array}{r} 625 \\ -\ 478 \\ \hline \end{array}$$

(9)
$$\begin{array}{r} 243 \\ -\ 184 \\ \hline \end{array}$$

(10)
$$\begin{array}{r} 702 \\ -\ 189 \\ \hline \end{array}$$

(11)
$$\begin{array}{r} 958 \\ -\ 199 \\ \hline \end{array}$$

(12)
$$\begin{array}{r} 342 \\ -\ 155 \\ \hline \end{array}$$

www.perfect24u.com

چئن انگن تائين عددن جي ڪٽ (اُڌار وٺڻ سان ۽ بنا اُڌار وٺڻ جي)

پھريان اسين 4 ـ انگي عددن جي اڌاري وٺڻ کان سواءِ ڪٽ ڪنداسين.

مثال: حل ڪريو. 6554 – 2313

حل:

| | هزار | سو | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|---|
| | 6 | 5 | 5 | 4 |
| – | 2 | 3 | 1 | 3 |
| | 4 | 2 | 4 | 1 |

ڏاڪو1: ايڪا ڪٽ ڪريو.
4 – 3 = 1
1 کي ايڪن واري ڪالم جي هيٺيان لکو

ڏاڪو2: ڏهاڪا ڪٽ ڪريو.
5 – 1 = 4
4 کي ڏهاڪن واري ڪالم جي هيٺيان لکو

ڏاڪو3: سؤ ڪٽ ڪريو
5 – 3 = 2
2 کي سؤ واري ڪالم جي هيٺيان لکو

ڏاڪو4: هاڻي هزارن کي ڪٽ ڪريو
6 – 2 = 4
4 کي هزارن واري ڪالم جي هيٺيان لکو

يا 6554 – 2313

حل: 6554 – 2313 = 4241

نوٽ: پھريان ايڪن جي ڪالم کان شروعات ڪريو.
پوءِ ڏهاڪن، سو ۽ آخر ۾ هزارن وارن ڪالمن جي ڪٽ ڪريو.

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گھرجي تہ شاگردن کي ڪٽ جي عمل کي چار انگي عددن تائين سمجھڻ ۾ مدد ڪري.

www.perfect24u.com

## مشق 14

(الف) حل ڪريو.

(1)
$$\begin{array}{r} 4\,2\,6\,9 \\ -\,3\,0\,3\,2 \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 9\,9\,6\,8 \\ -\,2\,7\,3\,4 \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 7\,6\,9\,5 \\ -\,3\,2\,5\,3 \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 8\,7\,5\,6 \\ -\,3\,2\,3\,4 \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 6\,5\,9\,8 \\ -\,4\,3\,8\,6 \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{r} 6\,9\,7\,6 \\ -\,2\,3\,4\,3 \\ \hline \end{array}$$

(7)
$$\begin{array}{r} 5\,7\,5\,4 \\ -\,2\,3\,5\,2 \\ \hline \end{array}$$

(8)
$$\begin{array}{r} 3\,8\,7\,9 \\ -\,2\,3\,4\,6 \\ \hline \end{array}$$

(9)
$$\begin{array}{r} 4\,5\,8\,9 \\ -\,3\,4\,6\,6 \\ \hline \end{array}$$

(ب) حل ڪريو.

(1) 3455 − 1343 = ☐

(2) 6657 − 3246 = ☐

(3) 3689 − 1345 = ☐

(4) 8672 − 4350 = ☐

(5) 9563 − 5341 = ☐

www.perfect24u.com

## هاڻي اسين چار انگي عددن جي ڪٽ اُڌاري وٺڻ ذريعي ڪنداسين

**مثال:** 1446 کي 3324 مان ڪٽ ڪريو.

| هزار | سؤ | ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|---|---|
| 2 | 2 | 11 | 14 |
| ~~3~~ | ~~3~~ | ~~2~~ | ~~4~~ |
| − 1 | 4 | 4 | 6 |
| 1 | 8 | 7 | 8 |

**ڏاڪو1:** 4 مان 6 ڪٽ نٿا ٿي سگهن.
انهي ڪري اسين 2 ڏهاڪن مان هڪ ڏهاڪو ڪٽنداسين.
جيئن تہ 1 ڏهاڪو = 10 ايڪا 10 + 4 = 14 ايڪا
پوءِ 14 مان 6 کي ڪٽ ڪريو ۽ 8 کي ايڪن واري جاءِ تي لکو.

**ڏاڪو2:** 2 ڏهاڪن ۾ 1 ڏهاڪو ڪٽڻ کانپوءِ 1 ڏهاڪو بچيو.
ڇاڪاڻ تہ 4 کي 1 ڏهاڪي مان نہ ٿا ڪيري سگهون.
تنهنڪري اسين 3 سون مان 1 سو ڪٽنداسين.
1 سو = 10 ڏهاڪا + 1 ڏهاڪو = 11 ڏهاڪا
پوءِ 11 مان 4 ڪٽ ڪريو ۽ 7 ڏهاڪن واري جاءِ تي لکو.

**ڏاڪو3:** 3 سون مان 1 سو ڪٽڻ کانپوءِ 2 سو بچيا.
ڇاڪاڻ تہ 3 سؤ مان 4 سؤ نٿا ڪيري سگهجن
تنهنڪري اسين 3 هزار مان 1 هزار ڪٽنداسين.
1 هزار = 10 سؤ ۽ 10 سؤ + 2 سؤ = 12 سؤ
اهڙي طرح 8 = 4 – 12
هاڻي اسين 8 کي سؤ واري جاءِ تي لکنداسين

**ڏهاڪو4:** آخر ۾ 3 هزارن مان 1 هزار ڪٽڻ کانپوءِ 2 هزار بچيا.
هاڻي 2 مان 1 کي ڪٽ ڪريو ۽ 1 کي هزار واري ڪالم ۾ لکو.

يا اُفقي طرح سان اسين هن ريت لکنداسين

3324 – 1446 = **1878**

### استاد لاءِ هدايت

استاد کي گهرجي تہ هو اِهي ڏاڪا واضح طريقي سان شاگردن کي سمجهائي ۽ اُفقي ۽ عمودي ڪٽ جا سوال شاگردن کي ڏي.

www.perfect24u.com

## مشق 15

(الف) حل ڪريو.

| (1) | (2) | (3) |
|---|---|---|
| 5714 − 3546 | 6608 − 3247 | 5423 − 3987 |

(1) (ادھار: 6، 10، 14)

| (4) | (5) | (6) |
|---|---|---|
| 3940 − 2735 | 5705 − 2934 | 8004 − 4035 |

| (7) | (8) | (9) |
|---|---|---|
| 9012 − 7654 | 3452 − 2328 | 3381 − 2645 |

(ب) هيٺيان مڪمل ڪريو.

(1) 6572 − 1459 = ☐  (2) 8095 − 7251 = ☐

(3) 4562 − 3571 = ☐  (4) 6559 − 2382 = ☐

(ج) اُفقي ڪٽ ڪريو.

(1) 7293 مان 3254  (2) 6743 مان 4972

(3) 6512 مان 2484  (4) 8672 مان 5328

www.perfect24u.com

## 100 تائين عددن ڪي حسابي فن سان زباني ڪٽ ڪرڻ

هميشہ ياد رکو تہ ايڪا ايڪن مان ۽ ڏهاڪا ڏهاڪن مان ڪٽ ٿيندا آهن.

مثال: هينيان هڪ ڪان وڌيڪ حسابي فن استعمال ڪندي ڪٽ ڪريو.

(i) **53 – 8**

= 53 – 3 – 5

= 50 – 5 = 45

يا 53 – 8 = 50 + 3 – 3 – 5

= 50 – 5

**= 45**

(ii) **72 – 6**

= 72 – 2 – 4

= 70 – 4 = 66

يا 72 – 6 = 70 + 2 – 1 – 5

= 70 – 5 + 2 – 1

= 65 + 1 **= 66**

**عملي ڪم** ڪٽ ڪريو.

(1) 50 → (– 5) → ☐ → (– 10) → ☐ → (– 2) → ☐

(2) 100 → (– 30) → ☐ → (– 5) → ☐ → (– 20) → ☐

## مشق 16

1. هڪ ڪان وڌيڪ حسابي فن استعمال ڪندي هينيان عدد ڪٽ ڪريو.

(i) 15 – 6 (ii) 70 – 8 (iii) 78 – 12

(iv) 89 – 26 (v) 56 – 35 (vi) 93 – 27

**استاد لاءِ هدايت**

استاد شاگردن کي، عددن جي ڪٽ لاءِ حسابي فن جا ڪي ٻيا بہ طريقا ٻڌائي سگهي ٿو.

www.perfect24u.com

**.2** حل ڪريو.

| | |
|---|---|
| (ii) $19 - 13 = \square$ | (i) $47 - 16 = \square$ |
| (iv) $46 - 21 = \square$ | (iii) $50 - 12 = \square$ |
| (vi) $67 - 14 = \square$ | (v) $89 - 40 = \square$ |
| (viii) $100 - 87 = \square$ | (vii) $97 - 18 = \square$ |

**.3** هيٺيان زباني حل ڪريو.

(i) هڪ وڻ تي **9** پکي ويٺا آهن،
**3** پکي اُڏامي ويا.
هُتي ڪيترا پکي باقي بچيا؟



(ii) عبدالرحمان وٽ **10** رڍون آهن
۽ هن وٽ **5** ڍڳيون آهن.
هن وٽ ڍڳين کان ڪيتريون وڌيڪ
رڍون آهن؟



(iii) ثنيه وٽ **42** ڪلوگرام چانور آهن.
هن **20** ڪلوگرام پنهنجي پيڻ کي ڏنا.
باقي هن وٽ ڪيترا ڪلوگرام چانورن
جا بچيا؟



www.perfect24u.com

## روزمره زندگي سان واسطو رکندڙ ڪٽ جا حساب حل ڪرڻ

مثال:

سهيل وٽ چاڪليٽ جا **1245** پيڪيٽ آهن. هن **1089** پيڪيٽ وڪرو ڪيا. ٻڌايو ته باقي ڪيترا پيڪيٽ بچيا؟

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| هن وٽ آهن | 1 | [1]~~2~~ | [13]~~4~~ | [1]5 | پيڪيٽ |
| هن وڪرو ڪيا | −1 | 0 | 8 | 9 | پيڪيٽ |
| باقي بچيا | 0 | 1 | 5 | 6 | پيڪيٽ |

### مشق 17

(1) هڪ دُڪاندار وٽ **850** ڪير وارا چاڪليٽ آهن. هن **480** چاڪليٽ وڪيا. ڪيترا چاڪليٽ ٻڌايو ته هن وٽ بچيا؟

(2) علي جي ٻٽون ۾ ٻه نوٽ آهن انهن جي ڪُل قيمت **600** رپيا آهي. هڪ نوٽ **100** رپين جو آهي. ٻڌايو ته ٻئي نوٽ جي گهٽي قيمت آهي؟

(3) هڪ ڪارخانو هڪ سال ۾ **2460** گاڏيون ناهي ٿو. **1946** گاڏيون وڪرو ٿي ويون. اجا ڪيتريون گاڏيون وڪري لاءِ باقي آهن؟

(4) سيلاب جي متاثرين لاءِ شميم **4950** روپين جو چندو گڏ ڪيو. هن متاثر ڳوناٽن لاءِ **2595** روپين ۾ کاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻيون استعمال جون شيون خريد ڪيون. هِن وٽ اجا ڪيتري رقم باقي آهي؟

(5) هڪ بيڪري وٽ **4500** بسڪوٽن جا دٻا هئا. جن مان **1862** وڪرو ٿي ويا. ٻڌايو ته باقي ڪيترا بسڪوٽن جا دٻا بچيا؟

(6) هڪ ڳوٺ جي آبادي **9015** نوجوان ماڻهن تي مشتمل آهي. جن مان **4386** مرد آهن. باقي عورتن جو تعداد معلوم ڪريو.

www.perfect24u.com

## 2.3 ضرب جو عمل

### ٻن عددن جي ضرب جي حاصل لاءِ لفظ ”ضرب اُپت“ جو استعمال

شروعات: استاد 3 ستارا مڇو ڪاري بورڊ تي ٺاهي هر ستارا مڇي جون پنج ٻانهون هجن. استاد شاگردن کان اهو پڇي ته انهن ٺهي مڇين وٽ ڳڏيل ٻانهون ڪيتريون آهن؟ استاد وضاحت ڪري ته اهي ڳڏيل ٻانهون معلوم ڪرڻ جو هڪ طريقو 15=5+5+5 به آهي.



جنهن جو مطلب
5،3 ڀيرا
يا 15=3x5
استاد وڌيڪ اهو به ٻڌائي جڏهن ٻه عدد پاڻ ۾ ضرب ٿيندا آهن ته انهن جي جواب کي ضرب اُپت چئبو آهي.

اسين ڳذريل ڪلاس ۾ ضرب جو عمل سکي چڪا آهيون.



**3** ستارا مڇيون آهن. هر هڪ ستاري مڇي کي **5** ٻانهون آهن. ٻڌايو ته ڪُل ڪيتريون ٻانهون آهن؟

$$5 + 5 + 5 = 15$$

ان جي معنيٰ آهي

**3** ڀيرا **5** ⬅ **3** سان **5** جي ضرب

يا $3 \times 5 = \boxed{15}$

**3** ۽ **5** جي ضرب اُپت **15** آهي.

استاد لاءِ هدايت

استاد کي گهرجي ته هو شاگردن کي جوڙ ورجائڻ جي عمل ذريعي ضرب جي تصور جو دؤر ڪرائي.

www.perfect24u.com

اسين لفظ "ضرب اُپت" ٻن عددن جي ضرب لاءِ استعمال ڪري سگھون ٿا

مثال: ضرب اُپت لهو.

(1) 4 ۽ 6 جي



حل:

4 سان 6 جو مطلب آهي چار ڀيرا 6

$4 \times 6 = 24$

4 ۽ 6 جي ضرب اُپت 24 آهي.

(2) 5 ۽ 8 جي

حل:

5 ۽ 8 جي ضرب اُپت جو مطلب آهي

8 سان 5 جي ضرب يا اٺ ڀيرا 5

$8 \times 5 = 40$

يا

$$\begin{array}{r} 8 \\ \times\ 5 \\ \hline 40 \\ \hline \end{array}$$

اهڙيءَ طرح ضرب اُپت 40 آهي.

## مشق 18

(الف) هيٺين جي ضرب اُپت لهو.

(1) $3 \times 4 = 12$

(2) $2 \times 6 = \square$

(3) $3 \times 3 = \square$

(4) $7 \times 5 = \square$

(5) $5 \times 9 = \square$

(6) $8 \times 3 = \square$

(ب) هيٺيان حل ڪريو.

(1) 5 ۽ 4 جي ضرب اُپت آهي $5 \times 4 = 20$

(2) 2 ۽ 8 جي ضرب اُپت آهي $\square = \square$

(3) 5 ۽ 6 جي ضرب اُپت آهي $\square = \square$

www.perfect24u.com

## 6، 7، 8 ۽ 9 جا ڪوڙا ناھڻ

اسين گذريل ڪلاس ۾ 2، 3، 4، 5 ۽ 10 جا ڪوڙا سکي چڪا آهيون.
هاڻي اسين 6 جو ڪوڙو ناهينداسين.

| جوڙ جي عمل سان | پڙھڻ جو طريقو | ضرب جي عمل سان |
|---|---|---|
| 6 | ايڪ ڇڪان ڇھ | 1 x 6 = 6 |
| 6 + 6 | ٻہ ڇڪان ٻارهن | 2 x 6 = 12 |
| 6 + 6 + 6 | ٽہ ڇڪان ارڙهن | 3 x 6 = 18 |
| 6 + 6 + 6 + 6 | چار ڇڪان چوويھ | 4 x 6 = 24 |
| 6 + 6 + 6 + 6 + 6 | پنج ڇڪان ٽيھ | 5 x 6 = 30 |
| 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 | ڇھ ڇڪان ڇٽيھ | 6 x 6 = 36 |
| 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 | ست ڇڪان ٻائيتاليھ | 7 x 6 = 42 |
| 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 | اٺ ڇڪان اڙتاليھ | 8 x 6 = 48 |
| 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 | نو ڇڪان چوونجاھ | 9 x 6 = 54 |
| 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 | ڏھ ڇڪان سٺ | 10 x 6 = 60 |

**عملي ڪم**

ڇھ ڇھ ڪري ڳڻيو ۽ گھربل عددن سان خال ڀريو.

6, ______ , ______ , 24, ______ , ______

42, ______ , ______ , ______ , 66, ______

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گھرجي تہ هو شاگردن کي مختلف شيون استعمال ڪندي 6،7،8 ۽ 9 جا ڪوڙا ناھڻ ۾ مدد ڪري.

www.perfect24u.com

## 7 جو ڪوڙو

| جوڙ جي عمل سان | پڙهڻ جو طريقو | ضرب جي عمل سان |
|---|---|---|
| 7 | ايڪ ستان ست | 1 x 7 = 7 |
| 7 + 7 | ٻہ ستان چوڏهن | 2 x 7 = 14 |
| 7 + 7 + 7 | ٽہ ستان ايڪيهہ | 3 x 7 = 21 |
| 7 + 7 + 7 + 7 | چار ستان اناويهہ | 4 x 7 = 28 |
| 7 + 7 + 7 + 7 + 7 | پنج ستان پنجٽيهہ | 5 x 7 = 35 |
| 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 | ڇهہ ستان ٻائيتاليهہ | 6 x 7 = 42 |
| 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 | ست ستان اوڻونجاهہ | 7 x 7 = 49 |
| 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 | اٺ ستان ڇاونجاهہ | 8 x 7 = 56 |
| 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 | نو ستان ٽيهٺ | 9 x 7 = 63 |
| 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 | ڏهہ ستان ستر | 10 x 7 = 70 |

**عملي ڪم** ست ست ڪري ڳڻيو ۽ خال ڀريو.

(1) 2 x 7 = 14 (2) 3 x 7 = ____

(3) 6 x 7 = ____ (4) 8 x 7 = ____

(5) 9 x 7 = ____ (6) 7 x 7 = ____

www.perfect24u.com

8 جو ڪوڙو.

| جوڙ جي عمل سان | پڙهڻ جو طريقو | ضرب جي عمل سان |
|---|---|---|
| 8 | ايڪ اڻان اٺ | 1 x 8 = **8** |
| 8 + 8 | ٻہ اڻان سورهن | 2 x 8 = **16** |
| 8 + 8 + 8 | ٽہ اڻان چوويهہ | 3 x 8 = **24** |
| 8 + 8 + 8 + 8 | چار اڻان ٻٽيهہ | 4 x 8 = **32** |
| 8 + 8 + 8 + 8 + 8 | پنج اڻان چاليهہ | 5 x 8 = **40** |
| 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 | ڇهہ اڻان انيتاليهہ | 6 x 8 = **48** |
| 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 | ست اڻان ڇاونجاهہ | 7 x 8 = **56** |
| 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 | اٺ اڻان چوهٺ | 8 x 8 = **64** |
| 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 | نو اڻان ٻاهتر | 9 x 8 = **72** |
| 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 | ڏهہ اڻان اَسِي | 10 x 8 = **80** |

**عملي ڪم** اٺ اٺ ڪري ڳڻيو ۽ مڪمل ڪريو.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 ← 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| x8 → | 16 | | | | | | | | |

www.perfect24u.com

## 9 جو ڪوڙو

| ضرب جي عمل سان | پڙهڻ جو طريقو | جوڙ جي عمل سان |
|---|---|---|
| 1 x 9 = **9** | ايڪ نوان نو | 9 |
| 2 x 9 = **18** | ٻه نوان ارڙهن | 9 + 9 |
| 3 x 9 = **27** | ٽي نوان ستاويهه | 9 + 9 + 9 |
| 4 x 9 = **36** | چار نوان ڇٽيهه | 9 + 9 + 9 + 9 |
| 5 x 9 = **45** | پنج نوان پنجيتاليهه | 9 + 9 + 9 + 9 + 9 |
| 6 x 9 = **54** | ڇهه نوان چوونجاهه | 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 |
| 7 x 9 = **63** | ست نوان ٽيهٺ | 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 |
| 8 x 9 = **72** | اٺ نوان ٻاهتر | 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 |
| 9 x 9 = **81** | نو نوان ايڪاسي | 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 |
| 10 x 9 = **90** | ڏهه نوان نوّي | 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 |

**عملي ڪم**

نو نو ڪري ٻٽيو ۽ مڪمل ڪريو.

| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| x9 | | | | | | | | | |

www.perfect24u.com

## ٻہ انگي عددن جي هڪ انگي عدد سان ضرب ڪرڻ

**مثال:** ٽافين جون ٽي ٿيلهيون آهن ۽ هر هڪ ٿيلهيءَ ۾ 12 ٽافيون آهن.



**ان جي معنيٰ آهي 3 ڀيرا 12 يا 3 سان 12 جي ضرب**

ڪُل ڪيتريون ٽافيون آهن؟

| ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|
| 1 | 2 |
| x | 3 |
| 3 | 6 |

ڏاڪو1: جڏهن اسين ايڪن کي ضرب ڪنداسين
تہ اسان کي 3 x 2 = 6 ملندو
6 کي ايڪن جي ڪالم جي هيٺان لکو.

ڏاڪو2: هاڻي اسين ڏهاڪن جي ضرب ڪنداسين.
3 x 1 = 3
3 کي ڏهاڪن واري ڪالم جي هيٺيان لکو.

**مثال:** 75 کي 4 سان ضرب ڪريو.

| ڏهاڪا | ايڪا |
|---|---|
| ②7 | 5 |
| x | 4 |
| 30 | 0 |

ڏاڪو1: 5 x 4 = 20 ايڪا
= 2 ڏهاڪا
ڏاڪو2: 7 x 4 = 28 ڏهاڪا
هاڻي 2 + 28 = 30 ڏهاڪا

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گهرجي تہ هو شاگردن کي 2 انگي عددن جي 1 انگي عددن سان ضرب جي عمل کي سمجهائڻ ۾ مدد ڪري.

www.perfect24u.com

## مشق 19

(الف) هيٺيان حل ڪريو.

(1)
$$\begin{array}{r} 14 \\ \times \quad 2 \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 31 \\ \times \quad 2 \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 21 \\ \times \quad 4 \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 12 \\ \times \quad 4 \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 23 \\ \times \quad 3 \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{r} 35 \\ \times \quad 2 \\ \hline \end{array}$$

(7)
$$\begin{array}{r} 11 \\ \times \quad 6 \\ \hline \end{array}$$

(8)
$$\begin{array}{r} 53 \\ \times \quad 6 \\ \hline \end{array}$$

(9)
$$\begin{array}{r} 83 \\ \times \quad 4 \\ \hline \end{array}$$

(ب) ضرب ڪريو.

(1) 2 x 13

(2) 4 x 64

(3) 5 x 23

(4) 6 x 22

(5) 7 x 21

(6) 3 x 15

(7) 5 x 37

(8) 6 x 14

www.perfect24u.com

## ڪنهن بہ عدد جي ٻڙي سان ضرب



عاليہ وٽ 0 صوف آهن.
حسن وٽ 0 صوف آهن.
ڪامران وٽ 0 صوف آهن.

$0 + 0 + 0 = 0$

يا $3 \times 0 = \square$

ٻڙي ڪي ڪنهن بہ عدد سان ضرب ڪرڻ تي ضرب اُپت هميشہ ٻڙي ايندي

### مشق 20

حل ڪريو.

(1) $0 \times 2 = \square$

(2) $0 \times 6 = \square$

(3) $5 \times 0 = \square$

(4) $10 \times 0 = \square$

(5) $4 \times 0 = \square$

(6) $0 \times 15 = \square$

(7) $7 \times 0 = \square$

(8) $1 \times 0 = \square$

(9) $3 \times 0 = \square$

(10) $6 \times 0 = \square$

(11) $0 \times 9 = \square$

(12) $13 \times 0 = \square$

استاد لاءِ هدايت

أستاد شاگردن کي ضرب جو اهو تصور سمجهائڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ عدد کي ٻڙي سان ضرب ڪرڻ تي ضرب أپت هميشہ ٻڙي ايندي.

www.perfect24u.com

## 10 جي ڪوڙي تائين عددن جي زباني ضرب ۾ حسابي فن جو استعمال ڪرڻ

مثال: هيٺين عددن جي زباني ضرب ۾ حسابي فن جو استعمال ڪريو.

**(i)** $3 \times 5$

حل:

$3 \times 5 = (5 - 2) \times 5$

$= 5 \times 5 - 2 \times 5$

$= 25 - 10$

$= 15$

**(ii)** $12 \times 13$

حل:

$12 \times 13 = (10 + 2) \times (10 + 3)$

$= 10 \times (10 + 3) + 2 \times (10 + 3)$

$= 10 \times 10 + 10 \times 3 + 2 \times 10 + 2 \times 3$

$= 100 + 30 + 20 + 6$

$= 150 + 6 = 156$

### مشق 21

هيٺين عددن جي زباني ضرب ۾ حسابي فن جو استعمال ڪيو.

**(1)** $4 \times 5$ **(2)** $6 \times 5$ **(3)** $7 \times 6$

**(4)** $9 \times 6$ **(5)** $9 \times 12$ **(6)** $8 \times 14$

**(7)** $11 \times 13$ **(8)** $14 \times 16$ **(9)** $23 \times 27$

**(10)** $29 \times 32$ **(11)** $35 \times 40$ **(12)** $65 \times 75$

**(13)** $45 \times 27$ **(14)** $68 \times 14$ **(15)** $79 \times 21$

**(16)** $85 \times 35$ **(17)** $92 \times 25$ **(18)** $95 \times 40$

www.perfect24u.com

## 2- انگي عددن جي 1- انگي عدد سان ضرب سان واسطو رکندڙ روزمره زندگي جا حساب حل ڪرڻ

مثال:

25 پاڻي جي گلاسن سان هڪ بالٽي پاڻي سان پرجي ٿي. اهڙيون 6 بالٽيون پرڻ لاءِ ڪيترا پاڻي جا گلاس گهرجن؟

$$\begin{array}{r} {}^{3}2\ \ 5 \\ \times\ \ 6 \\ \hline 150 \\ \hline \end{array}$$

ڏاڪو 1: 5 x 6 = 30 ايڪا

| 0 ايڪا ۽ 3 ڏهاڪا |
|---|

ڏاڪو 2: 2 x 6 = 12 ڏهاڪا

3 ڏهاڪا جوڙ ڪريو.

12 ڏهاڪا +3 ڏهاڪا = 15 ڏهاڪا

ڪل گلاسن جي تعداد 150 آهي

## مشق 22

(1) پارڪنگ علائقي جي هڪ قطار ۾ 15 موٽر سائيڪلون بيهارڻ جي گنجائش آهي. اهڙن 6 قطارن ۾ ڪيتريون موٽر سائيڪلون بيهاري سگهجن ٿيون؟

(2) هڪ هفتي ۾ 7 ڏينهن آهن. ٻڌايو ته 40 هفتن ۾ ڪيترا ڏينهن ٿيندا؟

(3) هڪ باغ ۾ 8 وڻ آهن. هر هڪ وڻ تي 6 پکي ويٺا آهن. ٻڌايو ته ڪُل پکين جي تعداد ڪيترو آهي ؟

(4) هڪ پاڪيٽ ۾ 54 چاڪليٽ آهن. اهڙن 7 پاڪيٽن ۾ ڪيترا چاڪليٽ آهن؟

(5) آئسڪريم جي هڪ پيالي ۾ 3 اسڪوپ آهن. ٻڌايو ته اهڙن 48 آئسڪريم جي پيالن ۾ ڪيترا اسڪوپ هوندا؟

(6) هڪ ڪٻٽ ۾ 25 ڪتابن جي جڳهه آهي، اهڙين 6 ڪٻٽن ۾ ڪيترا ڪتاب رکي سگهجن ٿا؟

www.perfect24u.com

## 2.4 ونڊ جو عمل

ٻه انگي عددن جي هڪ انگي عددن سان ونڊ ڪرڻ (ٻڙي پاڇي سان)

شروعات ڪندڙ: ڪاري بورڊ تي استاد چار خانا ناهي. هر هڪ ۾ چار آئسڪريم جون ڪون هجن.

مثال 1:

هڪ آئسڪريم جي دٻي ۾ **16** آئسڪريم ڪون اهڙي طرح سان رکيل آهن، جو هر هڪ سيٽ ۾ **4** ڪون آهن. ٻڌايو ته آئسڪريم جي هڪ دٻي ۾ **4** ڪون جا ڪيترا سيٽ ٿيندا؟



$$16 - 4 = 12$$
$$12 - 4 = 8$$
$$8 - 4 = 4$$
$$4 - 4 = 0$$

يا اسين ان کي ونڊ استعمال ڪندي حل ڪري سگهون ٿا

$$\begin{array}{r|l} & 4 \\ \hline 4 & 16 \\ & -16 \\ \hline & 00 \end{array}$$

مطلب ته **16** ۾ **4** چار ڀيرا **4** شامل آهي، يعني **4** سيٽ آهن.

تنهنڪري $16 \div 4 = \boxed{4}$

**ونڊ جو عمل**

$$\begin{array}{r|l} & 5 \\ \hline 6 & 30 \\ & -30 \\ \hline & 0 \end{array}$$

- 5 ← ونڊ اُپت
- 30 ← ونڊٽي
- 6 ← ونڊيندڙ
- 0 ← پاڇي

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گهرجي ته ٻارن کي ونڊ جو ڊگهو طريقو ٻڙي پاڇي سان سمجهائي.

www.perfect24u.com

عملي ڪم — خاني ۾ ڏنل اصطلاح لفظ سان پيٽ ڪائيندڙ عدد تي گول پايو.

| | | |
|---|---|---|
| $7\overline{)56}$ = 8 | $6\overline{)42}$ = 7 | ④$\overline{)20}$ = 5 |
| وند اُپت | وندبٽي | وندبيندڙ |

مثال: حل ڪريو. $55 \div 5$

ڏاڪو1: سڀ کان پهرين ڏهاڪي واري جاءِ تي مليل انگ 5 کي وند ڪيو.

$5 \div 5 = 1$

ڏهاڪي واري جاءِ تي وند اُپت 1 لکو.

5 مان 5 ڪٽ ڪرڻ سان اسين 0 حاصل ڪيون ٿا.

ڏاڪو2: پوءِ وندبٽي مان 5 ايڪا هيٺ لکو، ايڪي واري جاءِ وارو عدد 5 سان وند ڪريو.

$5 \div 5 = 1$

ايڪي واري جاءِ تي ضرب اُپت 1 لکو.

تنهنڪري ضرب اُپت 11 ۽ پاڇي 0 آهي.

$$
\begin{array}{r}
11 \\
5\overline{)55} \\
-5\downarrow \\
\hline
05 \\
-5 \\
\hline
0
\end{array}
$$

## مشق 23

(الف) هيٺيان حل ڪريو.

(1) $56 \div 8 =$ ☐

(2) $32 \div 4 =$ ☐

(3) $80 \div 10 =$ ☐

(4) $54 \div 6 =$ ☐

(5) $24 \div 8 =$ ☐

(6) $45 \div 5 =$ ☐

(7) $72 \div 6 =$ ☐

(8) $85 \div 5 =$ ☐

(9) $76 \div 4 =$ ☐

(10) $75 \div 5 =$ ☐

www.perfect24u.com

(ب) وند ڪريو.

(1) 15 ÷ 3

(2) 28 ÷ 4

(3) 64 ÷ 8

(4) 60 ÷ 6

(5) 90 ÷ 10

(6) 56 ÷ 7

(7) 60 ÷ 4

(8) 99 ÷ 3

(9) 65 ÷ 5

(10) 77 ÷ 7

(11) 91 ÷ 7

(12) 50 ÷ 2

(ج) گول واري عدد سان پيٽ ڪائيندڙ اصطلاح لکو.

(1) 15 ÷ 3 = 5 (circled: 15)
وندڻي

(2) 16 ÷ 8 = 2 (circled: 2)

(3) 28 ÷ 7 = 4 (circled: 7)

(4) 63 ÷ 7 = 9 (circled: 9)

(5) 32 ÷ 8 = 4 (circled: 8)

(6) 49 ÷ 7 = 7 (circled: 49)

www.perfect24u.com

## 10 جي ڪوڙي تائين عددن کي ونڊ ڪرڻ لاءِ زباني حسابي فن جو استعمال ڪرڻ

مثال: سويرا وٽ 24 گل آهن. هوءَ هار ناهڻ لاءِ 8 گل استعمال ڪري ٿي. ٻڌايو ته سيني گُلن مان ڪُل ڪيترا هار ٺهندا؟

حل: $24 \div 8$

پهريان 8 جو ڪوڙو ياد ڪريو پوءِ حل ڪريو.

$24 \div 8 = 3$

### مشق 24

1 هڪ اُستاد شاگردن جي 4 ٽولن ۾ 28 فليش ڪارڊ ورهائي ٿو شاگردن جو هر هڪ ٽولو ڪيترا فليش ڪارڊ حاصل ڪندو؟

2 احسن وٽ پنج ڪلاسن ۾ برابر وڪري لاءِ 45 خيراتي شو جا ٽڪيٽ آهن. هُن هر هڪ ڪلاس کي ڪيترا ٽڪيٽ وڪيا؟

3 اسماعيل 9 ڀيرا سائيڪل جي ڀاڙي لاءِ 63 رپيا ادا ڪري ٿو. هن هڪ ڀيري لاءِ ڪيترو ڀاڙو ادا ڪيو؟

4 رضا 101 صفحا 5 ڏينهن ۾ لکيا. ٻڌايو ته هن روزانو ڪيترا صفحا لکيا؟

5 هڪ استاد 49 ڪاپيون 7 ڏينهن ۾ چڪاس ڪري ٿو. ٻڌايو ته هڪ ڏينهن ۾ ڪيتريون ڪاپيون چڪاس ڪندو؟

6 ثمينه 15 ليٽر کير مان 5 بالٽيون شربت يعني ملڪ روز ناهيو. ٻڌايو ته هن هڪ بالٽي شربت ناهڻ ۾ ڪيترو کير استعمال ڪيو؟

7 هڪ دڪاندار 81 ٽافيون 9 نون شاگردن کي هڪ جيتريون وڪيون.ٻڌايو ته هر هڪ شاگرد کي ڪيتريون ٽافيون مليون؟

www.perfect24u.com

## 2 - انگي عددن جي 1 - انگي عددن سان وندڊ سان واسطو رکندڙ روزمره زندگي جا حساب حل ڪرڻ

مثال:

5 اسڪول ويگنون 70 شاگردن کي ڪٽي وڃن ٿيون، هر هڪ ويگن شاگردن جو برابر تعداد ڪڻي ٿي. هر هڪ ويگن ۾ ڪُل ڪيترا شاگرد آهن؟



$$\begin{array}{r|l} & 14 \\ 5 & 70 \\ & -5 \\ \hline & 20 \\ & -20 \\ \hline & 00 \end{array}$$

هر هڪ ويگن ۾ شاگردن جو تعداد 14 آهي.

### مشق 25

(1) 80 بسڪوٽن مان 4 بسڪوٽن وارا ڪُل ڪيترا پيڪيٽ ٺهندا؟

(2) ڪُل 96 ٽافيون آهن. هر هڪ دٻي ۾ 6 ٽافيون وجهٽيون آهن. ٻڌايو تہ ڪيترن دٻن جي ضرورت پوندي؟

(3) 36 شاگرد 12 رانديگرن واري والي بال ٽيمن ۾ ورهايا ويا آهن. ٻڌايو تہ ڪيتريون والي بال ٽيمون ٺهنديون؟

(4) ثنا وٽ 42 رنگين چاڪ آهن. هوءَ هڪ دٻي ۾ 6 چاڪ وجهي ٿي. ٻڌايو تہ ڪيترن دٻن جي ضرورت پوندي؟

(5) ثنا 84 رپين ۾ 6 ڪلوگرام لوڻ خريد ڪري ٿي. هڪ ڪلوگرام لوڻ جي قيمت گهٽي ٿيندي؟

www.perfect24u.com

# اٽـپـور

## 3.1 عام اٽپور

اٽپور کي انگن ۾ ان جي اُبتڙ لکڻ

شروعات ڪندڙ: استاد هڪ گول ڪاغذ جو ٽڪرو ڪٽي ۽ اهو ٻڌائي ته هي هڪ سجو آهي ۽ پوءِ استاد ان کي چار هڪ جيترن حصن ۾ ورهائي ۽ هڪ حصو ڪنهن ٻار کي ڏئي ۽ بورڊ تي استاد $\frac{1}{4}$ لکي. ان جو مطلب آهي چئن حصن مان هڪ حصو شاگرد کي ڏنو ويو ۽ وري استاد هڪ ٻئي شاگرد کي سڏي ۽ هڪ ٻيو ٽڪرو ان کي ڏئي ۽ بورڊ تي $\frac{2}{4}$ لکي. ان جو مطلب آهي چئن مان ٻيو حصو شاگرد کي ڏنو ويو ۽ اهو ائين جاري رکجي جيستائين چارئي حصا ورهايا وڃن ۽ وضاحت ڪري.

استاد اهو به وضاحت ڪندو ته هي $\frac{1}{2}$، $\frac{2}{4}$، $\frac{3}{4}$ عام اٽپور آهن.

اسين اٽپورن جي بابت سکي چڪا آهيون.

سجي شيءِ جو برابر جزو يا حصو اٽپور آهي.

$\frac{1}{2}$، $\frac{2}{3}$ ۽ $\frac{3}{4}$ وغيره اٽپورن جا ڪجهه مثال آهن.



اسين مختلف شين کي برابر حصن ۾ ورهائڻ سان اٽپور حاصل ڪندا آهيون. فرض ڪريو ته هڪ گول ڪاغذ جو ٽڪر چار برابر حصن ۾ ڪٽيو.

چئن حصن مان هڪ حصو هڪ ٻار کي ڏنو وڃي.

اهو ٽڪر گول ڪاغذ جو هڪ چوٿائي يا چوٿو آهي.

۽ اسين ان کي $\frac{1}{4}$ لکنداسين ۽ ان کي پڙهبو "1 ڀاڱي چار".

**استاد لاءِ هدايت**

استاد کي گهرجي ته ڪلاس ۾ مختلف شيون جهڙوڪ بسڪوٽ ۽ صوف وغيره آڻي ۽ انهن کي برابر حصن ۾ ڪٽي اٽپور ڏيکاري.

www.perfect24u.com

چئن حصن مان باقي بچيل ٽن حصن کي $\frac{3}{4}$ لکبو ۽ ان کي پڙهبو ”3 ڀاڱي 4“ يا ٽي چوٿائي.

اهي اڻپور $\frac{1}{2}$، $\frac{2}{3}$ ۽ $\frac{3}{4}$ عام اڻپور آهن.

عام اڻپور $\frac{3}{4}$ ۾، 3 کي انس ۽ 4 کي ڇيد چئبو آهي.

اڻپور جي هيٺين عدد کي ڇيد چئبو آهي.

$\frac{3}{4}$

اڻپور جي مٿين عدد کي انس چئبو آهي.

مثال1:

$\frac{2}{9}$ ۾ انس 2 ۽ ڇيد 9 آهي.

مثال2:

$\frac{5}{12}$ ۾ انس 5 ۽ ڇيد 12 آهي.

www.perfect24u.com

**عملي ڪم 1** هيٺ ڏنل شڪلين ۾ رنگين حصي جا اڻپور لکو.

| شڪل | رنگين حصو ظاهر ڪري ٿو | ائين پڙهو |
|---|---|---|
|  | $\frac{1}{6}$ | هڪ ڇهين پتي |
|  | $\frac{3}{5}$ | ٽين پنجين پتي |
|  | | |
|  | | |
|  | | |

**عملي ڪم 2** هيٺين شڪلين ۾ رنگ ڪري ڏنل اڻپور ڏيکاريو.

(i) 

$\frac{2}{5}$

(ii) 

$\frac{1}{3}$

(iii) 

$\frac{3}{8}$

www.perfect24u.com

## مشق 26

(الف) هيٺ ڏنل شڪلين جي رنگين حصي کي اٽپور ۾ لکو.

(1)


(2)


(3)


(4)


(5)


(6)


(ب) هيٺين شڪلين ۾ رنگ ڪري ڏنل اٽپور کي ڏيکاريو.

(1)

$\frac{3}{4}$

(2)

$\frac{5}{8}$

(3)

$\frac{1}{4}$

(4)

$\frac{6}{7}$

(ج) ڏنل انس ۽ ڇيد جي مدد سان اٽپور کي لکو.

(1) انس = 4 ، ڇيد = 11 ، اٽپور = ☐

(2) انس = 7 ، ڇيد = 8 ، اٽپور = ☐

www.perfect24u.com

## 3.2 برابر اٽيپور

### ڏنل شڪلين مان برابر اٽيپور جي سڃاڻپ ڪرڻ

شروعات: استاد رنگيل شڪلون ناهي ۽ اها وضاحت ڪري ته هر شڪل ۾ رنگين حصا هيٺان اٽيپور ظاهر ڪرن ٿا.

$\frac{3}{6}$ $\frac{2}{4}$ $\frac{1}{2}$

مثال: هيٺ ڏنل ٽن شڪلين ۾ رنگين حصي جو مشاهدو ڪريو.



هر هڪ شڪل جو رنگين حصو هيٺيون اٽيپور ظاهر ڪري ٿو.

$\frac{3}{6}$ $\frac{2}{4}$ $\frac{1}{2}$

اهو پڻ مشاهدو ڪيو ويو آهي ته

- تنهي گولن ۾ ڏيکاريل رنگين حصا هڪ ئي ماپ جا آهن.
- $\frac{1}{2}$ ساڳيو حصو (اڌ گول) ظاهر ڪري ٿو. جيئن $\frac{2}{4}$ ۽ $\frac{3}{6}$ ظاهر ڪن ٿا.
- رياضي ۾ اسين اِن کي لکنداسين $\frac{3}{6} = \frac{2}{4} = \frac{1}{2}$
- تنهنڪري $\frac{1}{2}$، $\frac{2}{4}$، $\frac{3}{6}$ برابر اٽيپور آهن.

### ڏنل اٽيپور لاءِ ٽي برابر اٽيپور لکڻ

مثال1: ڏنل اٽيپور $\frac{1}{3}$ لاءِ ٽي برابر اٽيپور لکو.

حل:



$\frac{4}{12}$ $\frac{3}{9}$ $\frac{2}{6}$ $\frac{1}{3}$

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي لفظ انس ۽ ڇيد جي وضاحت ڪرڻ گهرجي. استاد کي پڻ گهرجي ته برابر اٽيپورن کي شڪلين ۽ ڪلاس ۾ ڪاغذ جي پٽين کي استعمال ڪري سمجهائي.

www.perfect24u.com

هتي $\frac{1}{3}$، $\frac{2}{6}$، $\frac{3}{9}$ ۽ $\frac{4}{12}$ هڪ ئي ماپ جي شڪل کي ظاهر ڪن ٿا.

انھيءَ ڪري $\frac{1}{3} = \frac{2}{6} = \frac{3}{9} = \frac{4}{12}$

اهڙيءَ طرح $\frac{2}{6}$، $\frac{3}{9}$ ۽ $\frac{4}{12}$ ڏنل اڻپور $\frac{1}{3}$ جا ٿي برابر اڻپور آهن.

هيٺيان ڏسو.

$$\frac{1}{3} = \frac{1 \times 2}{3 \times 2} = \frac{2}{6},\quad \frac{1 \times 3}{3 \times 3} = \frac{3}{9},\quad \frac{1 \times 4}{3 \times 4} = \frac{4}{12}$$

اِها سمجھاڻي ظاهر ڪري ٿي تہ

جيڪڏهن اسين ڪنھن اڻپور جي انس ۽ ڇيد کي ساڳيئي عدد (ٻڙي کان سواءِ) سان ضرب ڪريون تہ اسان کي برابر اڻپور ملندا.

**مثال 2:** $\frac{1}{2}$ ۽ $\frac{2}{5}$ لاءِ ٽي برابر اڻپور لکو.

**حل:**

$\frac{1}{2} = \frac{2}{4} = \frac{3}{6} = \frac{4}{8}$

**سمجھاڻي**

$\frac{1 \times 2}{2 \times 2} = \frac{2}{4}$، $\frac{1 \times 3}{2 \times 3} = \frac{3}{6}$، $\frac{1 \times 4}{2 \times 4} = \frac{4}{8}$

$\frac{2}{5} = \frac{4}{10} = \frac{6}{15} = \frac{8}{20}$

**سمجھاڻي**

$\frac{2 \times 2}{5 \times 2} = \frac{4}{10}$، $\frac{2 \times 3}{5 \times 3} = \frac{6}{15}$، $\frac{2 \times 4}{5 \times 4} = \frac{8}{20}$

www.perfect24u.com

## مشق 27

1. برابر اٹپور ڈيڪارينڈز شڪلين کي سڃاڻو ۽ لکو.

(i)



(ii)



(iii)



2. هينين لاءِ تي برابر اٹپور لکو.

(i) $\frac{1}{4}$ , _____ , _____ , _____   (ii) $\frac{2}{3}$ , _____ , _____ , _____

(iii) $\frac{3}{4}$ , _____ , _____ , _____   (iv) $\frac{4}{5}$ , _____ , _____ , _____

(v) $\frac{1}{5}$ , _____ , _____ , _____   (vi) $\frac{2}{6}$ , _____ , _____ , _____

www.perfect24u.com

## 3.3 واجب ۽ غير واجب اٽپور

### واجب ۽ غير واجب اٽپورن جي وچ ۾ فرق ڏيکارڻ

شروعات ڪندڙ: استاد بورڊ تي هڪ اٽپور لکي جنهن ۾ انس ڇيد کان ننڍو هجي مثال طور $\frac{3}{5}$ ،

ٻارن کي وضاحت سان سمجهائجي تہ اهڙو اٽپور جنهن ۾ انس ڇيد کان ننڍو هجي ان کي واجب اٽپور چئبو آهي.

ڪجھ شاگردن کي بورڊ تي سڏيو ۽ انهن کي واجب اٽپور جا ڪجھ مثال لکڻ لاءِ چئو.

استاد بورڊ تي هڪ ٻيو اٽپور لکي جنهن ۾ انس ڇيد کان ننڍو هجي. مثال طور $\frac{5}{3}$ . ٻارن کي وضاحت سان سمجهائجي تہ اهڙو اٽپور جنهن ۾ انس ڇيد کان وڏو هجي اهڙي اٽپور کي غير واجب اٽپور چئبو آهي.

استاد ٻارن کان اهو پڇي تہ هي ٻئي اٽپور پاڻ ۾ ڪيئن مختلف آهن؟ استاد شاگردن جي حوصلہ افزائي ڪري ۽ انهن کي ڪجھ ٻيا واجب ۽ غير واجب اٽپور جا مثال لکڻ لاءِ چئي.

www.perfect24u.com

# اٽپور




واجب اٽپور:

اٽپور جنهن ۾ انس ڇيد کان ننڍو هجي.

مثال طور:

$\frac{1}{4}$، $\frac{2}{5}$، $\frac{3}{7}$، $\frac{5}{6}$ ۽ $\frac{11}{12}$

واجب اٽپور آهن.




غير واجب اٽپور.

اٽپور جنهن ۾ انس، ڇيد کان وڏو يا برابر هجي.

مثال طور:

$\frac{4}{1}$، $\frac{5}{5}$، $\frac{6}{5}$، $\frac{5}{4}$ ۽ $\frac{12}{11}$

غير واجب اٽپور آهن.

$\frac{3}{1}$، $\frac{2}{1}$، $\frac{2}{2}$، $\frac{3}{3}$، $\frac{4}{4}$ پڻ غير واجب اٽپورن جا مثال آهن.

**عملي ڪم**

هيٺين خانن ۾ واجب ۽ غير واجب اٽپور لکو.

$\frac{12}{15}$, $\frac{14}{13}$, $\frac{1}{3}$, $\frac{8}{1}$, $\frac{9}{9}$, $\frac{2}{5}$, $\frac{6}{1}$, $\frac{11}{7}$, $\frac{4}{3}$, $\frac{2}{9}$

| غير واجب اٽپور | واجب اٽپور |
|---|---|
| | |

www.perfect24u.com

## 3.4 اٽپورن جي ڀيٽ

“<”، “>” ۽ “=” جون نشانيون استعمال ڪندي هم ڇيد اٽپورن جي ڀيٽ ڪرڻ

اچو ته هيٺين شڪلين جي رنگين حصن تي غور ڪريون.



$\frac{2}{3}$ $\frac{1}{3}$

هتي هر هڪ شڪل 3 برابر حصن ۾ ورهايل آهي.

اٽپور $\frac{1}{3}$ ڪي هڪ رنگين حصو آهي.

ڇاڪاڻ ته 1 ننڍو آهي 2 کان

يا نشانين ۾ $1 < 2$

تنهنڪري $\frac{1}{3} < \frac{2}{3}$

ساڳي طرح، اسين چئي سگهون ٿا $\frac{2}{3} > \frac{1}{3}$

ڇو جو $2 > 1$ ۽ ٻنهي اٽپورن جي ساڳيا ڇيد آهن.



$\frac{3}{4}$ $\frac{3}{4}$

هتي هر هڪ شڪل 4 برابر حصن ۾ ورهايل آهي.

ٻنهي اٽپورن ۾ چار حصن مان 3 حصا رنگين آهن.

ڇاڪاڻ ته 3 برابر آهي 3 جي يا $3 = 3$

تنهنڪري $\frac{3}{4} = \frac{3}{4}$

جيڪڏهن ٻن اٽپورن جا ڇيد ساڳيا آهن، ته وڏي انس وارو اٽپور وڏو اٽپور هوندو.

**استاد لاءِ هدايت**

استاد کي گهرجي ته شاگردن کي شڪلين ذريعي اٽپورن جي ڀيٽ سمجهڻ ۾ مدد ڪري ۽ نشانيون “<”، “>” ۽ “=” استعمال ڪري.

www.perfect24u.com

اسين نشانين ذريعي اڻپورن کي ڀيٽيون ٿا.

| ‘=’ برابر آهي | ‘>’ وڏو آهي | ‘<’ ننڍو آهي |
|---|---|---|
| $\frac{2}{9} = \frac{2}{9}$ | $\frac{7}{8} > \frac{5}{8}$ | $\frac{1}{4} < \frac{3}{4}$ |
| ساڳيا ڇيد | ساڳيا ڇيد | ساڳيا ڇيد |

## عملي ڪم

صحيح لاءِ ✓ ۽ غلط لاءِ ✗ نشان هڻو.

(1) $\frac{2}{5} < \frac{3}{5}$ ✓

(2) $\frac{1}{8} > \frac{3}{8}$ ☐

(3) $\frac{11}{12} = \frac{5}{12}$ ☐

(4) $\frac{7}{13} = \frac{7}{13}$ ☐

## مشق 28

(الف) هيٺين مان واجب اڻپورن تي گول لڳايو.

(1) $\frac{2}{3}$ (2) $\frac{3}{5}$ (3) $\frac{7}{5}$ (4) $\frac{5}{1}$

(5) $\frac{4}{9}$ (6) $\frac{3}{2}$ (7) $\frac{11}{7}$ (8) $\frac{9}{9}$

(ب) ”<“، ”>“ يا ”=“ استعمال ڪندي هيٺيان خال ڀريو.

(1) $\frac{1}{6}$ ☐ $\frac{3}{6}$ (2) $\frac{3}{5}$ ☐ $\frac{2}{5}$ (3) $\frac{2}{8}$ ☐ $\frac{4}{8}$

(4) $\frac{7}{9}$ ☐ $\frac{6}{9}$ (5) $\frac{2}{7}$ ☐ $\frac{2}{7}$ (6) $\frac{8}{10}$ ☐ $\frac{5}{10}$

(7) $\frac{3}{9}$ ☐ $\frac{4}{9}$ (8) $\frac{5}{6}$ ☐ $\frac{2}{6}$ (9) $\frac{7}{11}$ ☐ $\frac{7}{11}$

www.perfect24u.com

## 3.5 اڀپورن جو جوڙ

هم چيد اڀپورن جو جوڙ ڪرڻ

شروعات ڪندڙ:

اڀپورن جي جوڙ ڪاغذن کي ويڙهڻ واري سرگرمي تحت ڪري ڏيکاريو. ٻارن کي مشاهدو ڪرڻ ڏيو ته اڌ ۽ اڌ جو جوڙ سڄو، چوٿ ۽ چوٿ جو جوڙ اڌ ٿيندو آهي.

استاد ڪجهه مثال بورڊ تي لکندو ۽ ٻارن کي سمجهائيندو ته جيڪڏهن چيد ساڳيو هجي ته انهن کي جوڙ ڪيئن ڪجي.

جڏهن اسين هم چيد اڀپورن جو جوڙ ڪنداسين ته اسين رڳو انهن جا انس جوڙ ڪنداسين.

انهيءَ ڪري $\dfrac{\text{انسن جو جوڙ}}{\text{چيد}}$ ⇐ ٻن هم چيد اڀپورن جو جوڙ

مثال: جوڙ ڪريو $\dfrac{3}{8} + \dfrac{4}{8}$

حل: $\dfrac{4}{8} + \dfrac{3}{8} = \dfrac{3+4}{8} = \boxed{\dfrac{7}{8}}$

**عملي ڪم** حل ڪريو.

(1) $\dfrac{1}{7} + \dfrac{4}{7} = \dfrac{1+4}{7} = \boxed{\phantom{00}}$

(2) $\dfrac{4}{9} + \dfrac{3}{9} = \dfrac{4+3}{9} = \boxed{\phantom{00}}$

(3) $\dfrac{3}{11} + \dfrac{5}{11} = \dfrac{3+5}{11} = \boxed{\phantom{00}}$

www.perfect24u.com

## شڪلين ذريعي اٽِيورن جو جوڙ ڏيکارڻ

اچو تہ لاڳاپيل حصن کي رنگ ڪري اٽِيورن جو جوڙ ڪريون.

مثال1: $\frac{1}{4}$ ۽ $\frac{2}{4}$ جوڙ ڪريو.

حل: هيٺ ڏنل اٽِيورن جي شڪلين کي ڏسو.



$$\frac{1}{4} + \frac{2}{4} = \frac{1+2}{4} = \frac{3}{4}$$

يعني، هڪ چوٿائي ۽ ٻہ چوٿائي ملي ڪري ٽي چوٿائي ٿيندا.

### عملي ڪم

اٽِيورن جي شڪلين کي رنگ ڪري $\frac{3}{9}$ ۽ $\frac{5}{9}$ جوڙ ڪريو.



$$\frac{3}{9} + \frac{5}{9} = \frac{8}{9}$$

پهرين 3 حصن کي رنگ ڪريو.

ٻين 5 حصن کي رنگ ڪريو.

ڪُل رنگين حصا
8 = 3+ 5

اهڙي طرح $\frac{3}{9} + \frac{5}{9} = \frac{3+5}{9} = \frac{8}{9}$

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گهرجي تہ شاگردن کي هم جيد اٽِيورن جي جوڙ ڪرڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪري.

www.perfect24u.com

## مشق 29

(الف) هيٺيان حل ڪريو.

(1) $\frac{1}{3} + \frac{1}{3}$ (2) $\frac{1}{5} + \frac{3}{5}$ (3) $\frac{2}{4} + \frac{1}{4}$ (4) $\frac{3}{6} + \frac{2}{6}$

(5) $\frac{2}{7} + \frac{4}{7}$ (6) $\frac{3}{8} + \frac{4}{8}$ (7) $\frac{5}{9} + \frac{4}{9}$ (8) $\frac{3}{11} + \frac{6}{11}$

(9) $\frac{3}{15} + \frac{10}{15}$ (10) $\frac{11}{18} + \frac{6}{18}$ (11) $\frac{1}{14} + \frac{12}{14}$ (12) $\frac{9}{20} + \frac{10}{20}$

(ب) جوڙ ڪريو.

(1) $\frac{3}{7}$ ۽ $\frac{2}{7}$ (2) $\frac{4}{12}$ ۽ $\frac{5}{12}$ (3) $\frac{6}{15}$ ۽ $\frac{7}{15}$

(ج) شڪلين ذريعي هيٺيان اٽپور جوڙ ڪريو.

(1) $\frac{2}{5} + \frac{1}{5}$ (2) $\frac{3}{7} + \frac{5}{7}$ (3) $\frac{8}{10} + \frac{1}{10}$

(4) $\frac{1}{12} + \frac{1}{12}$ (5) $\frac{6}{13} + \frac{3}{13}$ (6) $\frac{7}{15} + \frac{4}{15}$

www.perfect24u.com

## 3.6 اڀپورن جي ڪٽ

### هم چيد اڀپورن جي ڪٽ ڪرڻ

شروعاتي ڪنڊڙ: استاد ڏنل مثالن کي بورڊ تي لکي ۽ وضاحت ڪري ته جڏهن اڀپور جا چيد ساڳيا هجن ته ان کي ڪٽ ڪيئن ڪجي.

هم چيد اڀپورن جي ڪٽ ڪرڻ لاءِ، اسين رڳو انهن جا انس ڪٽ ڪنداسين.

انهي ڪري $\dfrac{\text{انسن جي ڪٽ}}{\text{چيد}}$ ⇐ بن هم چيد اڀپورن جي ڪٽ

مثال 1: $\frac{3}{4}$ مان $\frac{3}{4}$ ڪٽ ڪريو.

حل: $\frac{3}{4} - \frac{3}{4} = \frac{3-3}{4} = \frac{0}{4} = 0$

عملي ڪم حل ڪريو.

(1) $\frac{3}{4} - \frac{2}{4} = \frac{3-2}{4} = \square$

(2) $\frac{6}{7} - \frac{1}{7} = \frac{6-1}{7} = \square$

(3) $\frac{11}{12} - \frac{5}{12} = \frac{11-5}{12} = \square$

### اڀپورن جي ڪٽ شڪلين ذريعي ڏيکارڻ

اچو ته، لاڳاپيل حصن کي رنگ ڪندي، بن اڀپورن جي ڪٽ ڪريون.

مثال 1: $\frac{3}{5}$ مان $\frac{2}{5}$ کي ڪٽ ڪريو.

حل: ڏنل اڀپورن جي شڪلين کي ڏسو.



$\frac{3-2}{5} = \frac{1}{5}$

يعني، جڏهن $\frac{3}{5}$ مان $\frac{2}{5}$ ڪٽ ٿيندا ته اسين $\frac{1}{5}$ حاصل ڪنداسين.

www.perfect24u.com

## مشق 30

**.1 هيٺيان حل ڪريو**

(i) $\frac{2}{3} - \frac{1}{3}$ (ii) $\frac{4}{5} - \frac{2}{5}$ (iii) $\frac{5}{6} - \frac{4}{6}$

(iv) $\frac{6}{8} - \frac{3}{8}$ (v) $\frac{5}{7} - \frac{3}{7}$ (vi) $\frac{7}{9} - \frac{5}{9}$

(vii) $\frac{8}{10} - \frac{3}{10}$ (viii) $\frac{9}{13} - \frac{5}{13}$ (ix) $\frac{6}{11} - \frac{1}{11}$

(x) $\frac{10}{12} - \frac{3}{12}$ (ix) $\frac{13}{15} - \frac{12}{15}$ (xii) $\frac{15}{18} - \frac{10}{18}$

**.2 ڪٽ ڪريو.**

(I) $\frac{2}{4}$ مان $\frac{1}{4}$ (ii) $\frac{13}{14}$ مان $\frac{2}{14}$ (iii) $\frac{17}{19}$ مان $\frac{16}{19}$

**.3 هيٺيان حل ڪريو ۽ شڪليون ٺاهيو.**

(i) $\frac{5}{7} - \frac{3}{7}$ (ii) $\frac{8}{9} - \frac{1}{9}$ (iii) $\frac{4}{10} - \frac{3}{10}$

(iv) $\frac{12}{13} - \frac{5}{13}$ (v) $\frac{9}{11} - \frac{5}{11}$ (vi) $\frac{10}{17} - \frac{4}{17}$

(vii) $\frac{13}{25} - \frac{7}{25}$ (viii) $\frac{16}{17} - \frac{15}{19}$ (ix) $\frac{11}{15} - \frac{8}{15}$

www.perfect24u.com

يونٽ **4**

# پيمائش

## 4.1 ڊيگهه

اسين ڊيگهه ۽ ڊيگهه جي ايڪن يعني ميٽر ۽ سينٽي ميٽر جي بابت سکي چڪا آهيون.

ڊيگهه جا معياري ايڪا (ڪلوميٽر، ميٽر ۽ سينٽي ميٽر) علامتن سان گڏ پڙهڻ

ڊيگهه جا ايڪا أوچائي، ويڪرائي، أونهائي، ڊيگهه ۽ مفاصلو ماپڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن. بين الاقوامي معياري ايڪن جي نظام ۾ ڊيگهه جو بنيادي ايڪوميٽر آهي. ان کي **m** سان ظاهر ڪبو آهي. اسين ننڍي ڊيگهه لاءِ سينٽي ميٽر، وڏي ڊيگهه لاءِ ميٽر ۽ ڏگهي مفاصلي لاءِ ڪلوميٽر استعمال ڪندا آهيون. ڪلو ميٽر لاءِ "**km**"، ميٽر لاءِ "**m**" ۽ سينٽي ميٽر لاءِ "**cm**" جون نشانيون استعمال ٿيندیون آهيون.

**عملي ڪم** — ڊيگهه جي صحيح ايڪي تي رنگ ڪريو.

جبل جي أوچائي



cm | m | km

وڻ جي اوچائي



cm | m | km

ماڪوڙي




cm | m | km

دروازي جي أوچائي




cm | m | km

قلم جي ڊيگهه



cm | m | km

قليلي واهہ جي ويڪرائي



cm | m | km



ڪراچي کان سکر تائين مفاصلو



cm | m | km

**استاد لاءِ هدايت**

أستاد کي گهرجي تہ شاگردن کي ڊيگهه جي معياري ايڪن ۽ انهن جي نشانين جو دؤر ڪرائي.

www.perfect24u.com

## ڊيگهه جي معياري ايڪن کي ماپڻ ۽ نشانين ۾ لکڻ

### ڪلوميٽر، ميٽر ۽ سينٽي ميٽر




هن پٽيءَ جي ڊيگهه **10** سينٽي ميٽر آهي.

اهڙيون **10** پٽيون ناهيو ۽ انهن کي گڏ چنبڙايو.

اوهان جي نئين پٽي جي ڊيگهه هڪ ميٽر **(m)** آهي.

| |
|---|
| **100** سينٽي ميٽر = **1** ميٽر |

اوهان پنهنجي ڪلاس جي بينچ جي ڊيگهه ۽ اُوچائي ۽ دروازي جي اوچائي ماپڻ لاءِ اوهان پنهنجي ميٽر پٽيءَ جو استعمال ڪريو.

هاڻي فرض ڪريو توهان **1000** ميٽر پٽيون ناهيون آهن۽ انهن کي اوهان گڏ چنبڙايو ٿا. ان ريت اوهان جي نئين پٽي جي ڊيگهه **1** ڪلوميٽر **(km)** هوندي.

| |
|---|
| **1000** ميٽر = **1** ڪلوميٽر |

نوٽ: ڪلوميٽر ڊگهي مفاصلي کي ماپڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.




**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گهرجي تہ شاگردن کي ڊيگهه جو صحيح ايڪو استعمال ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

www.perfect24u.com

## مشق 31

**(1)** هيٺين جي ڊيگهه، ماپ ڪريو ۽ لکو.

(i)  6 سينٽي ميٽر

(ii) 

________

(iii)  ________

(iv)  ________

(v)  ________

**(2)** صحيح جواب تي (✓) ۽ غلط جواب تي (✗) نشان لڳايو.

(i) 

جي ڊيگهه ميٽرن ۾ ماپ ڪبي آهي. ✗

(ii)  جي ڊيگهه ميٽرن ۾ ماپ ڪبي آهي. ☐

www.perfect24u.com

(iii) ڪراچي  کان  حيدرآباد

جو مفاصلو ڪلوميٽرن ۾ ماپبو.

(iv)  جي ڊيگهه سينٽي ميٽرن ۾ ماپبي

(v)  جي اوچائي ڪلو ميٽرن ۾ ماپبي

(vi)  جي ڊيگهه سينٽي ميٽرن ۾ ماپبي

(3) سينٽي ميٽر، ميٽر ۽ ڪلوميٽر جا لفظ استعمال ڪندي خال پُريو.

(i) اوهان جي سائنس جي ڪتاب جي ڊيگهه ______ ۾ ماپ ڪبي.

(ii) چاڪ جي ڊيگهه______ ۾ ماپ ڪبي.

(iii) توهان جي رنگ واري پينسل جي ڊيگهه______ ۾ ماپ ڪبي.

(iv) توهان جي ڪلاس جي ڪمري جي دريءَ جي ڊيگهه______ ۾ ماپ ڪبي.

(v) توهان جي ڪلاس جي ڪمري جي دروازي جي ڊيگهه______ ۾ ماپبي.

www.perfect24u.com

## ڊيگهه جي ايڪن جو جوڙ

### ڊيگهه جي ساڳين ايڪن جي ماپن جو جوڙ ڪرڻ ۽ نشانين ۾ لکڻ

پهريائين سکون ته ڊيگهه جي ساڳين ايڪن جو جوڙ (انگ ٽپائڻ يا بنا انگ ٽپائڻ) ڪيئن ڪجي.

مثال: هينيان جوڙ ڪريو.

(1) 3 ميٽر + 4 ميٽر

حل:

| ميٽر |
|---|
| 3 |
| + 4 |
| 7 |

انهيءَ ڪري جوڙ اپت 7 ميٽر آهي.

(2) 15 ڪلو ميٽر + 36 ڪلو ميٽر

حل:

| ڪلو ميٽر |
|---|
| (1) 3 6 |
| + 1 5 |
| 5 1 |

انهيءَ ڪري جوڙ اپت 51 ڪلو ميٽر آهي.

## مشق 32

(الف) هينيان جوڙ ڪريو.

(1)

| سينٽي ميٽر |
|---|
| 6 7 |
| + 2 1 |
| |

(2)

| ميٽر |
|---|
| 3 7 |
| + 8 5 |
| |

(3)

| ڪلو ميٽر |
|---|
| 2 8 |
| + 1 5 |
| |

(4)

| ميٽر | سينٽي ميٽر |
|---|---|
| 11 | 33 |
| + 1 | 41 |
| | |

(5)

| ميٽر | سينٽي ميٽر |
|---|---|
| 8 | 6 8 |
| + 6 | 3 1 |
| | |

(6)

| ڪلو ميٽر | ميٽر |
|---|---|
| 35 | 515 |
| + 12 | 436 |
| | |

(ب) هينيان جوڙ ڪريو.

(1) 66 سينٽي ميٽر ۽ 23 سينٽي ميٽر (2) 18 ميٽر ۽ 9 ميٽر

(3) 18 ڪلو ميٽر ۽ 23 ڪلو ميٽر (4) 44 ميٽر 5 سينٽي ميٽر ۽ 78 ميٽر 30 سينٽي ميٽر

www.perfect24u.com

ڊيگهه جي ساڳين ايڪن جي جوڙ سان واسطو رکندڙ روزمره زندگيءَ جا حساب حل ڪرڻ (انگ ٽپائڻ سان يا بنا انگ ٽپائڻ جي)

مثال 1:

علي ڪراچي کان رحيم يارخان ويو. هِن ريل گاڏيءَ سان 756 ڪلوميٽر ۽ بس سان 35 ڪلوميٽرن جو سفر طئي ڪيو. ٻڌايو تہ هن ڪل ڪيترو سفر ڪيو؟

حل:

ريل گاڏيءَ سان سفر ڪيو
بس سان سفر ڪيو

| | ڪلوميٽر |
|---|---|
| | 7 5 6 |
| + | 3 5 |
| | 7 9 1 |

علي ڪُل 791 ڪلوميٽرن جو سفر ڪيو

## مشق 33



(1) هڪ گهر ۾ بجلي رسائڻ لاءِ 65 سينٽي ميٽر ۽ 38 سينٽي ميٽرن جون ڊگهيون تارون ڪپن ٿيون. گُهربل تار جي ڪُل ڊيگهه معلوم ڪريو.



(2) هڪ دُوڪاندار پنهنجي دُوڪان لاءِ 240 ميٽر سائو ۽ 105 ميٽر نيلو ڪپڙو خريد ڪيو. ٻڌايو تہ خريد ڪيل ڪپڙي جي ڪُل ڊيگهه ڇا آهي؟




(3) ڏنل شڪل ۾ ڪراچي کان حيدرآباد ۽ حيدرآباد کان مورو تائين مفاصلو ڏيکاريل آهي. ڪراچي کان مورو تائين مفاصلو معلوم ڪريو.




(4) ڏنل شڪل ۾ اياز هر روز گهر کان باغ، باغ کان مارڪيٽ ۽ مارڪيٽ کان اسڪول تائين مفاصلو طئي ڪري ٿو. ٻڌايو تہ هو ڪُل ڪيترو مفاصلو طئي ڪري ٿو؟

www.perfect24u.com

ديگھ جي ساڳين ايڪن جي ماپن جي ڪٽ ڪرڻ (اُڌار وٺڻ سان ۽ بنا اُڌار وٺڻ جي)

مثال: 95 سينٽي ميٽر مان 45 سينٽي ميٽر ڪٽ ڪريو.

حل:

| سينٽي ميٽر |
|---|
| 95 |
| − 45 |
| 50 |

اهڙيءَ طرح فرق 50 سينٽي ميٽر آهي.

**عملي ڪم**

786 ميٽر مان 435 ميٽر ڪٽ ڪريو.

| ميٽر |
|---|
| 786 |
| − 435 |
| |

اهڙيءَ طرح فرق ____ آهي.

## مشق 34

(الف) حل ڪريو.

(1)

| سينٽي ميٽر |
|---|
| 81 |
| − 42 |
| |

(2)

| ڪلو ميٽر |
|---|
| 48 |
| − 19 |
| |

(3)

| ميٽر |
|---|
| 26 |
| − 8 |
| |

(4)

| ڪلو ميٽر | ميٽر |
|---|---|
| 39 | 80 |
| − 17 | 48 |
| | |

(5)

| ڪلو ميٽر | ميٽر |
|---|---|
| 44 | 72 |
| − 26 | 50 |
| | |

(6)

| ڪلو ميٽر | ميٽر |
|---|---|
| 58 | 465 |
| − 29 | 287 |
| | |

(ب) هيٺيان ڪٽ ڪريو.

(1) 76 سينٽي ميٽرن مان 36 سينٽي ميٽر

(2) 12 ميٽرن مان 9 ميٽر

(3) 95 ڪلوميٽرن مان 88 ڪلو ميٽر

(4) 680 ميٽرن مان 494 ميٽر

(5) 936 ڪلو ميٽر ۽ 324 ميٽرن مان 864 ڪلو ميٽر ۽ 150 ميٽر

www.perfect24u.com

ڊيگهه جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره زندگي جا ڪٿ جا لکتي حساب (اُڌار ونڻ سان ۽ بنا اُڌار ونڻ جي)

**عملي ڪم**

هڪ دُڪاندار **33** ميٽر ڪپڙي جي ٿانَ مان **24** ميٽر ڪپڙو وڪيو. ٻڌايو ته ٿانَ ۾ ڪيترو ڪپڙو باقي بچيو؟

حل:

| | ميٽر |
|---|---|
| ڪُل رکيل ڪپڙو | 3 3 |
| وڪيل ڪپڙو | − 2 4 |
| بچيل ڪپڙو | ____ |

اهڙي طرح باقي بچيل ڪپڙو ☐ ميٽر آهي.

## مشق 35

(1) هڪ اليڪٽريشن اسڪول جي هڪ ڪمري ۾ پکو لڳائڻ لاءِ 50 ميٽر تار جي ويڙهي مان 35 ميٽر تار استعمال ڪئي. ٻڌايو ته ويڙهي ۾ ڪيتري تار باقي بچي؟



(2) شازيہ 72 سينٽي ميٽر زري خريد ڪئي. هِن هڪ قميص سينگارڻ لاءِ 47 سينٽي ميٽر زري استعمال ڪئي. ٻڌايو ته هِن وٽ ڪيتري زري باقي بچي؟



(3) درزي هڪ پوشاڪ تي نمونو ناهڻ لاءِ 1160 ميٽرن مان 466 ميٽر ربن استعمال ڪئي. ٻڌايو ته رِيل ۾ ڪيتري ربن باقي بچي؟



(4) اظهر جي اوچائي 1 ميٽر 22 سينٽي ميٽر آهي ۽ هن جي والد جي اُوچائي 2 ميٽر 50 سينٽي ميٽر آهي. ٻڌايو ته هن جو والد هن کان ڪيترو ڊگهو آهي؟




www.perfect24u.com

## 4.2 مايي يا وزن جا ايڪا

### مايي يا وزن جا معياري ايڪا (گرام ۽ ڪلوگرام) بشمول نشانين سان گڏ پڙهڻ

اسين سڪي چڪا آهيون ته هلڪين شين جهڙوڪ: ننڍي پيپرڪلپ، ٽافيون، ڳاڙها مرچ ۽ چانهه جي پتي وغيره جو وزن (مايو) گرامن **(g)** ۾ ماپيو ويندو آهي. شين جي وڏي مقدار جهڙوڪ: سيمينٽ، ڪڻڪ، اٽو وغيره جي ماپ ڪلو گرام **(kg)** ۾ ڪبي آهي.

وزن جو معياري ايڪو ڪلو گرام **(kg)** آهي، جيڪو **1000** گرام جي برابر آهي.

**1000 گرام = 1ڪلو گرام**

روزمره جي زندگي ۾ گهڻو ڪري دُڪاندار هيٺيان وزن استعمال ڪندا آهن.




مايي يا وزن جا معياري ايڪا ماپ ڪرڻ ۽ لکڻ نشانين سان گڏ.

**عملي ڪم**

هيٺين شين جو وزن ڪرڻ لاءِ وزن جي مناسب ايڪن کي رنگ ڪريو.

ٽوٿ پيسٽ


g
kg

لوهه جي سيخ


g
kg

منهن جي ڪريم


g
kg

چانور


g
kg

بسڪوٽ جو پُڙو


g
kg

منڊي


g
kg

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد کي گهرجي ته شاگردن کي مايي يا وزن جي معياري ايڪن ۽ انهن جي نشانين جو دوُر ڪرائي.

www.perfect24u.com

## مشق 36

**(1)** هيٺين شين لاءِ مايي جو دُرست ايڪو گرام (g) يا ڪلو گرام (kg) پڙهو. هر هڪ ۾ درست ايڪي کي رنگ ڪريو.

(i)


kg g

(ii)


kg g

(iii)


kg g

(iv)


kg g

(v)


kg g

(vi)


kg g

(vii)


kg g

(viii)


kg g

**(2)** گرام يا ڪلوگرام استعمال ڪندي هيٺيان خال ڀريو.

(i) هڪ صوف جو وزن گرام ۾ ماپبو آهي.

(ii) سِرَ جو وزن ــــــ ۾ ماپبو آهي.

(iii) موبائيل فون جو وزن ــــــ ۾ ماپبو آهي.

(iv) ڪاٺ جي بُنڊ جو وزن ــــــ ۾ ماپبو آهي.

(v) ڳچيءَ جي هار جو وزن ــــــ ۾ ماپبو آهي.

(vi) ٽوپيءَ جو وزن ــــــ ۾ ماپبو آهي.

www.perfect24u.com

مايي يا وزن جي ماپن کي ساڳين ايڪن ۾ جوڙ ڪرڻ
(انگ ٽپائڻ سان يا بنا انگ ٽپائڻ جي)

مثال: هينيان جوڙ ڪريو.

(1) 210 گرام + 320 گرام

حل:

| | گرام |
|---|---|
| | 320 |
| + | 210 |
| | 530 |

(2) 3577 ڪلوگرام + 3399 ڪلوگرام

حل:

| | ڪلو گرام |
|---|---|
| | (1)(1) 3399 |
| + | 3577 |
| | 6976 |

## مشق 37

(الف) حل ڪريو.

(1) 290 g + 305 g = ______

(2) 504g + 313g = ______

(3) 325 g + 477 g = ______

(4) 35 kg + 46 kg = ______

(5) 1214 kg + 2453 kg = ______

(6) 2396 kg + 5725 kg = ______

(ب) هينين جي جوڙ اُپت معلوم ڪريو.

(1) 200 گرام + 350گرام

(2) 758 ڪلو گرام + 265 ڪلو گرام

(3) 375 گرام + 900 گرام

(4) 485 گرام + 7312 گرام

www.perfect24u.com

مايي يا وزن جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره جي زندگيءَ جا جوڙ جا حساب حل ڪرڻ (انگ ٽپائڻ ۽ بنا انگ ٽپائڻ)

مثال 1: ريحانه وٽ برنيءَ ۾ 678 گرام کنڊ آهي. هيءَ اِن ۾ 245 گرام وڌيڪ کنڊ وجهي ٿي. برنيءَ ۾ کنڊ جو ڪُل مقدار معلوم ڪريو.




حل:

| | گرام |
|---|---|
| برنيءَ ۾ موجود کنڊ | 678 |
| ملايل کنڊ | +245 |
| ڪُل مقدار | 923 |

برنيءَ ۾ کنڊ جو ڪُل مقدار 923 گرام آهي.

## مشق 38

(1) اسلم 250 گرام ڪارا مرچ ۽ 350 گرام ڳاڙها مرچ بورچي خاني لاءِ خريد ڪيا. ٻنهي مصالحن جو ڪُل وزن معلوم ڪريو.



(2) اٽي جي ٻن ٿيلهن جو ڪل وزن معلوم ڪريو، جيڪڏهن هرهڪ ٿيلهي جو وزن 10 ڪلوگرام آهي.



(3) ڪشور هڪ هفتي لاءِ 2 ڪلوگرام ٽماٽا، 5 ڪلوگرام بصر ۽ 6 ڪلوگرام گوبي خريد ڪري ٿو. سيني ڀاڄين جو ڪُل وزن معلوم ڪريو.



(4) عمران سومر تي 28 ڪلوگرام ڪپهه خريد ڪئي ۽ اڱاري تي 31 ڪلوگرام ڪپهه خريد ڪئي. خريد ڪيل ڪپهه جو ڪُل مقدار لکو.



www.perfect24u.com

مايي يا وزن جي ماپن جي ساڳين ايڪن جي ڪٽ ڪرڻ
(اُڌار وٺڻ سان ۽ بنا اُڌار وٺڻ جي)

مثال 1: هيٺيان ڪٽ ڪريو.

(i) 578 گرام مان 342 گرام

حل:

| | |
|---|---|
| 578g | 578g |
| − 342g | − 342g |
| | 236g |

(ii) 5302 ڪلو گرام مان 3415 ڪلو گرام

حل:

| | |
|---|---|
| 5302kg | 4 12 9 12 <br> 5302 kg |
| − 3415kg | − 3415 kg |
| | 1887 kg |

## مشق 39

(الف) ڪٽ ڪريو.

(1)
32 kg
− 31 kg

(2)
4 9 6 g
− 3 8 2 g

(3)
8 1 2 g
− 6 5 3 g

(4)
7 2 4 k g
− 3 4 5 k g

(5)
8 2 3 k g
− 7 1 2 k g

(6)
9 8 6 g
− 3 9 7 g

(ب) ڪٽ ڪريو.

(1) 600 گرامن مان 348 گرام
(2) 428 گرامن مان 175 گرام
(3) 345 گرامن مان 125 گرام
(4) 20 ڪلو گرامن مان 12 ڪلو گرام
(5) 370 گرامن مان 150 گرام
(6) 200 ڪلو گرامن مان 20 ڪلو گرام

www.perfect24u.com

مايي يا وزن جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره زندگيءَ جا ڪٽ جا لکتي حساب حل ڪرڻ (اُڌار سان ۽ بنا اُڌار جي)

**مثال 1:** سليم بازار مان 800 گرام چانور خريد ڪيا. هن جي ڪٽنب 450 گرام چانور استعمال ڪيا. ٻڌايو ته چانورن جو ڪيترو مقدار باقي بچيو؟

حل:

| | گرام |
|---|---|
| خريد ڪيل چانورن جو وزن | 800 |
| استعمال ڪيل چانورن جو وزن | − 450 |
| بچيل چانورن جو وزن | 350 |

تنهنڪري بچيل چانورن جو وزن **350** گرام آهي.

## مشق 40

(1) هڪ واپاريءَ وٽ 68 ڪلوگرام بصر هو. هُن هڪ ڏينهن ۾ 52 ڪلوگرام بصر وڪرو ڪيو. ٻڌايو ته باقي گهڻو بصر هُن وٽ بچيو؟



(2) هڪ شخص شادي جي موقعي لاءِ 250 ڪلوگرام چانور خريد ڪيا، جنهن مان 150 ڪلوگرام چانور استعمال ٿيا. ٻڌايو ته چانورن جو ڪيترو مقدار باقي بچيو؟




(3) هڪ بنگلي جي تعمير لاءِ 5000 ڪلوگرام لوهه خريد ڪيو، جنهن مان 3550 ڪلوگرام لوهه استعمال ٿيو. گهڻو لوهه باقي بچيو؟



(4) فرحان 8 ڪلوگرام انب خريد ڪيا. هُن جي پاءُ اڪرام 30 ڪلوگرام انب خريد ڪيا. ٻڌايو ته ڪنهن وڌيڪ ۽ ڪيترو وڌيڪ انب خريد ڪيو؟



www.perfect24u.com

### 4.3 مقدار يا گنجائش

اسين گنجائش جي باري ۾ سکي چُڪا آهيون تہ گنجائش پاڻياٺ جي اُها مقدار آهي، جيڪا ڪنهن ٿانوَ ۾ اچي سگهي. اسان کي خبر آهي تہ گنجائش جو معياري ايڪو لٽر آهي، جنهن کي "$\ell$" سان ظاهر ڪبو آهي.

#### گنجائش جا ايڪا

گنجائش جا معياري ايڪا (لٽر ۽ ملي لٽر) نشانين سان گڏ پڙهڻ

گنجائش جا معياري ايڪا لٽر ($\ell$) ۽ ملي لٽر ($m\ell$) آهن. پاڻياٺ جي وڏي مقدار جهڙوڪ واٽر ڪولر ۾ پاڻي يا وڏي بوتل ۾ تيل لٽرن ۾ ماپبو آهي. پاڻياٺ جي گهٽ مقدار جهڙوڪ پاڻي جو گلاس يا چانهه جو پيالو، قلم ۾ مس ملي لٽرن ۾ ماپبي آهي. هڪ لٽر ۾ 1000 ملي لٽر هوندا آهن.

1 لٽر = 1000 ملي لٽر
يا
$1000\ m\ell = 1\ell$

عملي ڪم — هيٺ ڏنل شين ۾ پاڻياٺ لاءِ مناسب ايڪن کي رنگ ڪريو.



$m\ell$ | $\ell$




$m\ell$ | $\ell$



$m\ell$ | $\ell$




$m\ell$ | $\ell$




$m\ell$ | $\ell$



$m\ell$ | $\ell$




$m\ell$ | $\ell$



$m\ell$ | $\ell$

استاد لاءِ هدايت

أستاد کي گهرجي تہ گنجائش جي معياري ايڪن ۽ انهن جي نشانين جو دؤر ڪرائي.

www.perfect24u.com

## مشق 41

(الف) هيٺين کي ماپڻ لاءِ ڪهڙو ايڪو استعمال ٿيندو.

1



90 mℓ
900 mℓ
2900 mℓ

2



3 ℓ
30 ℓ
300 ℓ

3



50 mℓ
500 mℓ
5000 mℓ

(ب) پاڻياٺ جي مناسب مقدار لکو.

1. رضوانہ پنهنجو ڪمرو صاف ڪرڻ لاءِ بالٽيءَ ۾ پاڻي ڀريو. ٻڌايو تہ بالٽيءَ ۾ **9** لٽر يا **9** ملي لٽر پاڻي آهي.



9 لٽر

2. آبش پنهنجي ڪيڪ جي ترڪيب ۾ هڪ چانهہ جو چمچو وينيلا ملائي ٿي. ڇا هُن **5** لٽر يا **5** ملي لٽر وينيلا استعمال ڪئي؟



3. توهان جي اسڪول ۾ هڪ وڏي پاڻي جي ٽانڪي آهي. ٻڌايو تہ ٽانڪيءَ ۾ پاڻي جي گنجائش **100** لٽر يا **100** ملي لٽر آهي.



4. فرزانہ پنهنجي سالگره ۾ پنهنجي دوستن جي پيئڻ لاءِ جوس خريد ڪيو. جوس جي گنجائش **250** لٽر يا **250** ملي لٽر آهي.




5. علي هڪ چانهہ جو پيالو خريد ڪيو. پيالي ۾ **200** لٽر يا **200** ملي لٽر جي گنجائش آهي.




www.perfect24u.com

گنجائش جي ماپن کي ساڳين ايڪن ۾ جوڙ ڪرڻ (انگ ٽپائڻ سان ۽ بنا انگ ٽپائڻ جي)

مثال:

(1) 422 ملي لٽر + 330 ملي لٽر

حل:

| ملي لٽر |
|---|
| 330 |
| + 422 |
| 752 |

(2) 372 لٽر + 288 لٽر

حل:

| لٽر |
|---|
| ①① |
| 372 |
| + 288 |
| 660 |

## مشق 42

(الف) حل ڪريو.

(1)
$$\begin{array}{r} 635\ ml \\ +\ 223\ ml \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 562\ ml \\ +\ 458\ ml \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 898\ \ell \\ +\ 101\ \ell \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 729\ \ell \\ +\ 271\ \ell \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 999\ ml \\ +\ 666\ ml \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{rr} \ell & ml \\ 3 & 218 \\ +\ 2 & 551 \\ \hline & \\ \hline \end{array}$$

(ب) جوڙ ڪريو.

(1) 320 ملي لٽر ۽ 175 ملي لٽر

(2) 608 لٽر ۽ 747 لٽر

(3) 340 ملي لٽر ۽ 5 لٽر 650 ملي لٽر

(4) 36 لٽر ۽ 23 لٽر 825 ملي لٽر

www.perfect24u.com

گنجائش جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره زندگي جا جوڙ جا حساب (انگ ٽپائڻ ۽ بنا انگ ٽپائڻ ذريعي)

مثال: عبدالرحيم پنهنجي گاڏيءَ ۾ 20 لٽر ۽ هن جو پياءُ پنهنجي موٽر سائيڪل ۾ 5 لٽر پيٽرول پرائي ٿو. ٻڌايو ته ڪُل ڪيترو پيٽرول پرايو ويو؟

حل:

| | لٽر |
|---|---|
| گاڏيءَ ۾ پيٽرول پرايو | 20 |
| موٽر سائيڪل ۾ پيٽرول پرايو | + 5 |
| ڪُل پيٽرول پرايو | 25 |

اهڙيءَ طرح ڪل پيٽرول 25 لٽر آهي.

## مشق 43



(1) اشرف صبح جو 250 ملي لٽر ۽ شام جو 200 ملي لٽر نارنگيءَ جو جوس پيتو. ٻڌايو ته هن سڄي ڏينهن ۾ ڪُل ڪيترا ملي لٽر جوس پيتو؟



(2) هڪ ڪير واري وٽ ٻه مينهون آهن. هڪ مينهن 15 لٽر ۽ ٻي مينهن 18 لٽر کير ڏئي ٿي. ٻڌايو ته هو ٻنهي مينهن مان گهڻو کير حاصل ڪري ٿو؟



(3) ٽن پاڻيءَ جي ٽينڪرن جي گنجائش 1320 لٽر، 1215 لٽر ۽ 830 لٽر آهي. انهن ٽنهي ٽينڪرن جي ڪُل گنجائش معلوم ڪريو؟



(4) هڪ اسڪول ۾ ٻه پاڻيءَ جون ٽانڪيون آهن. سائي ٽانڪيءَ جي گنجائش 550 لٽر ۽ نيري رنگ جي ٽانڪيءَ جي گنجائش 375 لٽر آهي. ٻڌايو ته ٻنهي ٽانڪين جي پاڻيءَ جو ڪل مقدار ڪيترو آهي؟

www.perfect24u.com

## ساڳين ايڪن ۾ گنجائش جي ماپن جي ڪٽ (اُڌارسان ۽ بنا اُڌار ذريعي)

مثال: ڪٽ ڪريو.

(1) $697\,ml - 571\,ml$

حل:

| ملي لٽر |
|---|
| 697 |
| − 571 |
| 126 |

(2) $6222\,\ell - 1684\,\ell$

حل:

| لٽر |
|---|
| 5 11 11 12 |
| 6 2 2 2 |
| − 1 6 8 4 |
| 4 5 3 8 |

## مشق 44

(الف) ڪٽ ڪريو.

(1) $375\,ml - 250\,ml$ = ______

(2) $723\,\ell - 259\,\ell$ = ______

(3) $5326\,\ell - 3152\,\ell$ = ______

(4) $553\,ml - 312\,ml$ = ______

(5) $944\,ml - 856\,ml$ = ______

(6) $700\,ml - 685\,ml$ = ______

(ب) ڪٽ ڪريو.

(1) 598 ملي لٽرن مان 483 ملي لٽر

(2) 1000 لٽرن مان 560 لٽر

(3) 630 ملي لٽرن مان 450 ملي لٽر

(4) 490 لٽرن مان 380 لٽر

www.perfect24u.com

گنجائش جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره زندگيءَ جي ڪٿ جا لکتي حساب (اُڌارسان ۽ بنا اُڌار ذريعي)



مثال: هڪ کير واري وٽ 208 لٽر کير هو. هُن هڪ ڏينهن ۾ 195 لٽر کير وڪيو. ٻڌايو ته هُن وٽ باقي ڪيترو کير بچيو؟

حل:

| | لٽر |
|---|---|
| ڪُل کير | 208 |
| وڪرو ڪيل کير | − 195 |
| باقي بچيل کير | 13 |

کير واري وٽ باقي 13 لٽر کير بچيو آهي.

## مشق 45

(1) هڪ درزيءَ وٽ بوتل ۾ 550 ملي لٽر مشين جو تيل آهي. هڪ مهيني ۾ هو 220 ملي لٽر تيل استعمال ڪري ٿو. ٻڌايو ته ڪيترو تيل باقي بچيو؟



(2) ٽرڪ جي ٽانڪيءَ ۾ 240 لٽر تيل آهي. جنهن مان 198 لٽر تيل سفر ۾ استعمال ٿي ويو. ٻڌايو ته ٽانڪيءَ ۾ باقي گهٽو تيل بچيو؟



(3) هڪ ٽانڪيءَ ۾ 1200 لٽر پاڻي آهي، جنهن مان 1185 لٽر پاڻي استعمال ٿيو. ٻڌايو ته ٽانڪيءَ ۾ باقي گهٽو پاڻي بچيو؟



(4) کير جي ٽانون ۾ 1400 لٽر کير آهي. کير واري 750 لٽر کير وڪرو ڪيو. ٻڌايو ته ٽانون ۾ ڪُل ڪيترو کير بچيو؟



www.perfect24u.com

# وقت

## 5.1 وقت جا ايڪا

اسين اِهو سکي چڪا آهيون تہ

- 1 ڪلاڪ = 60 منٽ
- 1 ڏينهن = 24 ڪلاڪ
- 1 هفتو = 7 ڏينهن
- 1 مهينو = 30 ڏينهن
- 1 سال = 12 مهينا




گهڙيال ۾ وقت آهي. [ ]

**عملي ڪم** هيٺيان خال پريو.

(1) هڪ ڪلاڪ = [ ] منٽ

(2) ڪلاڪ جو چوٿو= [ ] منٽ

(3) اڌ ڪلاڪ = [ ] منٽ

(4) 1 ڏينهن = [ ] ڪلاڪ

(5) 2 ڏينهن = [ ] ڪلاڪ

(6) 3 هفتا = [ ] ڏينهن

(7) اڌ مهينو = [ ] ڏينهن

(8) 2 سال = [ ] مهينا

**استاد لاءِ هدايت**

اُستاد ڪي گهرجي تہ شاگردن کي وقت جي ايڪن جو دؤر ڪرائي.

www.perfect24u.com

## 12 ڪلاڪن واري گھڙيءَ ۾ وقت ظاهر ڪرڻ لاءِ a.m ۽ p.m جو استعمال

شروعات: استاد بورڊ تي هڪ گھڙيال ناهي ۽ اهو وضاحت ڪري ته ڏينهن کي ٻن برابر حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هر حصو 12 ڪلاڪن تي مشتمل آهي. استاد گھڙيال جي مدد سان اهو ڏيکاري ته هڪ ڏينهن پورو ٿيڻ ۾ ڪلاڪ واري ڪانٽي کي ٻه چڪر لڳائڻا پوندا آهن.



- ڪانٽن واري گھڙيءَ ۾ 12 عدد ڏيکاريل آهن.
- ڪلاڪ واري سُئي هڪ ڏينهن مڪمل ڪرڻ لاءِ 12 ڪلاڪن جا ٻه چڪر هڻي ٿي.
- هڪ ڏينهن 12 ڪلاڪن جي ٻن برابر حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| 12 وڳي اڌ رات کان<br>12 وڳي منجهند تائين<br>وقت کي a.m چئبو آهي. | 12 وڳي منجهند کان<br>12 وڳي اڌ رات تائين<br>وقت کي p.m چئبو آهي. |




### مشق 46

(1) گھڙيءَ ۾ ڏيکاريل وقت a.m ۽ p.m ۾ لکو.

